جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | آچر 27 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 14 ربيع الثاني 1448هہ | قيمت: 20 | شمارو 346

پ پ عورت کي سگهارو ۽ خودمختيار بنايو اهو وڏو انقلاب آهي: شرجيل ميمڻ

وومين پوليس اسٽيشنز جهڙا منصوبا آندا ويا ۽ اڳتي هلي پيپلزپارٽي طرفان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سڄي ملڪ ۾ آندو ويو

بسپ پروگرام سان اها ڏيڻا بہ گڏ ٿي آهي تہ هن ملڪ ۾ ڪيترا اهڙا ڪٽنب آهن، جيڪي غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذارين ٿا

عورت کي خودمختيار ۽ سگهارو بڻائڻ سان سنڌ مان ڪيترين ئي عورتون جنرل سيٽن تي اليڪشن کٽي اسيمبلين ۾ پهتيون آهن

بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پ پ پ پاران عورت کي وڌيڪ سگهارو بڻايو پيو وڃي مفت اسڪوٽيز بنا ڪنهن سفارش جي اهليت جي بنياد تي ڏنيون پيون وڃن

ڀهراڙين ۾ جتي اڳ ۾ عورتن کي ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نہ هئي، هاڻ انهن عورتن جا پيئر، ڀائر ۽ مڙس کين اجازت ڏئي رهيا آهن تہ اهي موٽر سائيڪل هلائين

پوري ملڪ ۾ سنڌ واحد صوبو آهي، جيڪو مفت ۾ اسڪوٽيز ڏئي رهيو آهي، چاڪاڻ تہ پيپلزپارٽي بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۾ پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ جي تقريب، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ پيپلزپارٽي عورت کي سگهارو ۽ خودمختيار بڻايو آهي، اهو هڪ وڏو انقلاب آهي ميرپورخاص ۾ سنڌ حڪومت پاران شاگردياڻين ۽ ملازم عورتن ۾ مفت پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ واري تقريب رٿي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص طور سينيئر صوبائي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ميرپورخاص: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ عورتن ۾ مفت اسڪوٽي تقسيم ڪندي

ٽرمپ پاران ايران جي 7 ڏينهن جي جنگ بندي جي تجويز رد

واشنگٽن (م د) آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل دعويٰ ڪئي آهي تہ صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران جي 7/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ناسا پاران اسپيس ايڪس جي ڪريو_14 مشن لاءِ 4 رڪني عملي جو اعلان

لاس اينجلس (م د) ناسا اسپيس ايڪس جي ڪريو_14 مشن لاءِ 4 رڪني عملي جو اعلان ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان گلوبل ڊولپمينٽ انيشيٽو جي مڪمل حمايت جي توثيق ڪري ٿو: وزيراعظم

ان جي مڪمل حمايت جي توثيق ڪري ٿو، جي ڊي آءِ 2030 ع تائين مڪمل ٿيڻو آهي. ان جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڃا بہ ڪافي چيلينجز موجود آهن

شديد موسمياتي آفتون، خوراڪ ۽ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن جاگرافيائي، سياسي ڇڪتاڻ ۾ واڌ، اسرندڙ ملڪن جي ڪاميابين کي وري خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي

انهن چيلينجز جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مضبوط، گهڻ رخي تعاون جي ضرورت آهي. چين جي نائب صدر هان زينگ جي ميزباني ۾ عالمي ترقياتي قدمن تي اعليٰ سطحي اجلاس کي خطاب

ڪووڊ_19 جي وبا جي عروج دوران 5 سال اڳ صدر شي جن پنگ عالمي ترقياتي قدمن (گلوبل ڊولپمينٽ انيشيٽو) پيش ڪيو هو. هي هڪ اهڙو دور انديش قدم هو

جيڪو پنهنجي وقت کان ڪيترائي پيرا اڳيان هو، اڄ دنيا صدر شي جن پنگ جي ان فيصلي جي پسمنظر ۾ لڪيل دانائي ۽ بصيرت کي تسليم ڪري ٿي

2030 ع جي انهن قدمن جي مقرره مدت پوري ٿيڻ ۾ هاڻي 4 سال رهجي ويا آهن پائيدار ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ طرف اڳڀرائي اڃا بہ ناڪافي ۽ سست آهي

نيويارڪ (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي، تہ پاڪستان چين جي صدر شي جن پنگ جي دور انديش قدمن، گلوبل ڊولپمينٽ انيشيٽو جو پختو حامي آهي، ۽ ان جي مڪمل حمايت جي توثيق ڪري ٿو جي ڊي آءِ 2030 ع تائين مڪمل ٿيڻو آهي. ان جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڃا بہ ڪافي چيلينجز موجود آهن. شديد موسمياتي آفتون، خوراڪ ۽ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن جاگرافيائي، سياسي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

صدر مملڪت پاران اسلام آباد سيف سٽي ڪئميرائن جي تحفظ ۽ نقصان جي تلافي بابت آرڊيننس جي منظوري

آرڊيننس جو مقصد سيف سٽي ڪئميرائن ۽ نگراني جي نظام کي نقصان کان محفوظ بڻائڻ ۽ نقصان جي صورت ۾ ان جي تلافي يقيني بڻائڻ آهي

آرڊيننس تحت سيف سٽي ڪئميرائن ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ، نقصان پهچائڻ تي اڪسائڻ يا ترغيب ڏيڻ تي مالي ڏنڊ لڳائي سگهبو

سيف سٽي ڪئميرائن يا سرويلنس انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ جي صورت ۾ في ڪئميرا يا انفراسٽرڪچر 20 لک روپين تائين ڏنڊ لڳائي سگهبو

اسلام آباد (بيورو) صدر مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم جي ايڊوائيس تي اسلام آباد ڪيپيٽل ٽ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسحاق ڊار پاران اي سي او وزارتي ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل سان ملاقات

اسحاق ڊار اي سي او جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ سيڪريٽري جنرل جي ڪوشش کي ساراهيو

پاڪستان جي صدارت دوران ويجهي رابطي جي اهميت تي زور ڏيو تہ جيئن علائقائي اقتصادي سهڪار، رابطي ۽ انضمام کي مضبوط بڻائي سگهجي

نيويارڪ (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ اي سي او وزارتي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

نيويارڪ: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شريڪ آهي

همت آهي تہ اچو، ڪريو لانگ مارچ: عطاءُالله تارڙ تحريڪ انصاف کي چيلينج

دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪرڻ پي ٽي آءِ جي پاليسي جو حصو آهي. خيبرپختونخواهہ حڪومت افغان طالبان ۽ ٽي ٽي پي جي سهولتڪاري ڪندي آهي

تحريڪ انصاف ٽي ٽي پي جي بي ٽيم ۽ ٽي ٽي اي جي سي ٽيم آهي، سهيل آفريدي وزيراعليٰ گهٽ، پابندي مڙهيل پارٽي جو ڪمانڊر وڌيڪ لڳي ٿو

اسلام آباد(بيورو) وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ تحريڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

نوشڪي ۾ فورسز جو آپريشن، 11 دهشتگرد مارجي ويا

25 سيپٽمبر تي نوشڪي ضلعي ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل هڪ ٻيو آپريشن ڪيو ويو

جنهن ۾ دهشتگردن جي هڪ ٽڪاڻي کي اثرائتي طور تي نشانو بڻايو ويو

راولپنڊي (م د) بلوچستان جي ضلعي نوشڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 11 دهشتگرد مارجي ويا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اي آءِ اربين زندگيون ٻڙڪائي ويندي”، بل گيٽس دنيا لاءِ خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي

نيويارڪ (م د) مائڪروسافٽ جي باني بل گيٽس هٿرادو ڏاهپ واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سُپريم ليڊر جا ڦٽ ڇُٽي ويا آهن، هاڻي هو چاڪ چَڱو ڀلو آهي: ايراني صدر

سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي کي صحت جو ڪو خاص مسئلو ناهي ۽ هو طبي طور مڪمل صحتمند آهن

سندس مجتبيٰ خامنه اي سان 2 ڀيرا ملاقات ٿي آهي، جن مان هڪ ملاقات 7 ڪلاڪن کان وڌيڪ جاري رهي

نيويارڪ (م د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو چوڻ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

آبناءِ هُرمُز کولڻ لاءِ ايران جا شرط، آمريڪا ڏانهن 7 ڏينهن جو منصوبو اُماڻيو ويو

ايران قطر ذريعي آمريڪا کي 7 ڏينهن وارو منصوبو پهچائي ڇڏيو آهي

نيويارڪ(م د) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو چوڻ آهي تہ آمريڪا کي 7 ڏينهن وارو منصوبو پهچايو ويو آهي. جنهن کي قبول ڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

فيلڊ مارشل ۽ سعودي دفاع واري وزير جي ملاقات، سعوديہ تي حملن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ تي اتفاق

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سعودي دفاع واري وزير شهزادي خالد بن سلمان جي وچ ۾ اهم ملاقات تي اسان مڪ معاهدي ۾ شامل ملڪن جي سربراهن جي فوج جي اجلاس جي نتيجن جي تعريف ڪريون ٿا

انهي دوران سعوديہ ۾ شهري ۽ اقتصادي ٽڪاڻن تي حملن تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، حملن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو ويو آهي: سعودي دفاع واري وزير

ٻنهي اڳواڻن مڪ مڪرمہ ۽ سعودي عرب ۾ شهري ۽ اقتصادي ٽڪاڻن کي نشانو بڻائيندڙ حملن تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

رياض (م د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سعودي دفاع واري وزير شهزادي خالد بن سلمان جي وچ ۾ اهم ملاقات ٿي. سعودي دفاع واري وزير شهزادي خالد بن سلمان سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات جي تصوير جاري ڪئي. سعودي دفاع واري وزير فيلڊ مارشل سان ملاقات جا تفصيل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

پاڪستان تي الزام غلط، ڀارت پاڻ دهشتگردي جو وڏو سرپرست آهي: صائم سليم

ڀارت پاڪستان خلاف دهشتگرد گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي، جن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان، بلوچستان لبريشن آرمي ۽ ان جي مجيد برگيڊ شامل آهن

دهشتگردي سبب هلندڙ صدي جي شروعات کان هن وقت تائين اٽڪل هڪ لک پاڪستاني جانين کان محروم ٿي چڪا آهن

آزاد ۽ جمون ڪشمير ۽ ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال کي هڪجهڙو قرار نٿو ڏئي سگهجي

گڏيل قومون (م د) پاڪستان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ڀارت پاران دهشتگردي جي سرپرستي ۽ هٿي ڏيڻ وارن الزامن کي رد ڪندي چيو آهي، تہ ڀارت پروپيگنڊه کي رياستي حڪمت عملي بڻايو آهي. پاڪستان مشن جي قونصلر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

دهشتگردي کان متاثر ملڪن جي عالمي لسٽ ۾ پاڪستان ٽاپ تي اچي ويو

2026 ع جي عالمي امن واري انڊيڪس (GPI) ۾ پاڪستان جي صورتحال 5.5 سيڪڙو خراب ٿي وئي

صورتحال خراب ٿيڻ جو بنيادي سبب ”جاري تڪرار“ واري شعبي ۾ وڏي خرابي هئي، جنهن ۾ 17 سيڪڙو اضافو ٿيو

ٻاهرين تڪرار سبب ٿيندڙ موتن واري اشاري ۾ 86.9 سيڪڙو خرابي رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان، دهشتگردي کان متاثر ملڪن جي لسٽ يعني گلوبل ٽيررازم انڊيڪس ۾ ٽاپ تي اچي ويو آهي. 'انسٽيٽيوٽ آف اڪنامڪس اينڊ پيس' پنهنجي 2026 جي رپورٽ ۾ 2025 دوران دهشتگردي جي واقعن سبب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28



اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثنا الله پريس ڪانفرنس ڪندي

9 مئي ڪانپوءِ مليل سهولتون بہ واپس وٺڻ جو اشارو، پي ٽي آءِ لاءِ راڻا ثناءُالله جو سخت پيغام

ڪنهن کي بہ احتجاج لاءِ اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي

9 مئي ڪانپوءِ جيڪا بہ سهولت ڏني وئي آهي، اها سموري ختم ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُالله چيو آهي تہ اسلام آباد ۾ احتجاج جي تماشي واري سلسلي کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

وزيراعظم جو اپوزيشن اڳواڻ کي هڪ ٻيو خط، ڳالهين جي دعوت ڏئي ڇڏي

خط ۾ وزيراعظم طرفان اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي کي ڳالهين جي بہ دعوت ڏني وئي

اپوزيشن ترجمان اخوانزاده حسين يوسف زئي وزيراعظم جي خط ملڻ جي تصديق بہ ڪري ڇڏي

محمود خان اڇڪزئي جي وچ ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر، اليڪشن ڪميشن جي نئين ميمبرن جي مقرري جي حوالي سان رابطو ٿيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي کي هڪ ٻيو خط لکندي ڳالهين جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب وزيراعظم ۽ اپوزيشن اڳواڻ جي ملاقات ۽ اليڪشن ڪميشن ۾ مقررين بابت خط لکيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي تہ خط ۾ وزيراعظم طرفان اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي کي ڳالهين جي بہ دعوت ڏني وئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

جسقم جو سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف 8 نومبر تي ڪراچي ۽ 15 نومبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريلي جو اعلان

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف قوم گڏ ٿي چڪي آهي : نياز ڪالاڻي

هر سنڌي ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ نوان صوبا ۽ انتظامي يونٽ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهن

وفاقي حڪومت طرفان سنڌ جي ورهاڱي ۽ انتظامي يونٽ وارو اعلان واپس وٺڻ تائين جدوجهد جاري رهندي

سکر (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي محاذ (شهيد بشير خان) 8 نومبر تي ڪراچي ۽ 15 نومبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريليون ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جسقم جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو تہ سنڌ جي امڪان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

لائلٽي بيٽ ۾ 5.5 شدت جي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

زلزلو پاڪستاني وقت مطابق صبح جو اٽڪل 6 لڳي 10 منٽن تي آيو

شروعاتي طور تي 21.06 درجا ڏکڻ عرض البلد ۽ 168.83 درجا اوڀر طول البلد تي ڪيو ويو

بيجنگ (م د) لائلٽي بيٽ ۾ چنچر ڏينهن 5.5 شدت جو زلزلو آيو جرمن ريسرچ سينٽر فار جيو سائنسز مطابق زلزلو پاڪستاني وقت مطابق صبح/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڀارت طرفان ٻيهر جنگ مڙهي وئي تہ گذريل سال جيان سخت جواب ڏنو ويندو: خواجہ آصف

ماضي جي حڪومت پنهنجي اقتدار کي برقرار رکڻ جي لاءِ افغان پاليسي تي عمل ڪيو هو

اهڙي پاليسي سبب ڪيترين ئي پريشانيون پيدا ٿيون جنهن جا اثراج بہ محسوس ڪيا پيا وڃن

وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن ۾ پاڪستان ۽ عالمي سطح تي پيش ايندڙ اهم مسئلن کي اجاگر ڪيو

ايندڙ اهم مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ ڀارت کي واضح پيغام ڏنو تہ ڪنهن بہ جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو

نيويارڪ (م د) دفاع واري وزير خواجہ آصف ڀارت کي خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن پاڪستان تي جنگ مڙهي وئي تہ گذريل سال جيان سختي سان جواب ڏنو ويندو، نيويارڪ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خواجہ آصف چيو تہ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لانگ مارچ ملتوي ڪيو آهي، ختم نہ، وزيراعظم واپس اچي پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندو: حافظ نعيم الرحمان

حڪومت جلسي جا رستا بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اسان کي جلسي جا انتظام نہ ڪرڻ ڏنا ويا

ڪارڪنن حڪومت جا سمورا انتظام ختم ڪري جلسو ڪيو، مارچ کي اسان صرف روڪيو آهي ختم نہ ڪيو آهي

پيپلزپارٽي ۽ (ن) ليگ جهڙيون پارٽيون پراڻيون ٿي چڪيون آهن اهي صرف فارم 47 جي سهاري تي آهن

اهي عوام جي سامهون لڙهي ويندا، اسان پنهنجي سموري ايجنڊا جا نڪتا سامهون ناهن رکيا

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ اسان لانگ مارچ ملتوي ڪيو آهي ختم نہ ڪيو آهي، وزيراعظم واپس اچي پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندو، ٻئي صورت ۾ مارچ ٻيهر شروع ٿي ويندو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

جبري بي دخلي جو پائيدار حل امن آهي: گڏيل قومون

ميزباني ڪندڙ ملڪن ۽ برادرين سان سهڪار ۽ پائيدار حل ڳولڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا

جڏهن اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن تہ ماڻهن کي امدادي ادارن جي ضرورت ئي نہ رهي

گڏيل قومون (م د) گڏيل قومن جي پناهگيرن بابت هاءِ ڪمشنر بارهام صالح چيو آهي تہ جبري بي دخلي جو سيني کان پائيدار حل امن قائم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

حافظ طاهر محمود اشريف پاران وزيراعظم جي شهباز شريف جي گڏيل قومن ۾ خطاب کي خراج تحسين

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان علماءَ ڪائونسل جي چيئرمين ۽ انٽرنيشنل تعظي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پاڪستان جي لسٽڊ ريفائنري سيڪٽر جي خالص منافعي ۾ 2025_26 ع دوران اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي لسٽڊ ريفائنري سيڪٽر جو خالص منافعو مالي سال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 67 هزار ڪيوسڪ ۽ چوڙ هڪ لک ڪيوسڪ

ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ ترتيبوار 13 هزار 200 ڪيوسڪ

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. واپڊا مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مبينا پوليس مقابلا، 4 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچيءَ جي ٽن مختلف علائقن ۾ پوليس مبينا مقابلن دوران 4 جوابدار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

لاڙڪاڻو هٿيارٻندن جي فائرنگ، نينگري قتل

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ نيو گڊ ۾ هٿيارٻندن گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ 15 ورهين جي نينگري/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

نيويارڪ: وفاقي وزير دفاع خواجہ آصف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ايس آءِ ايف سي جا پاڪ پرتگال سيڙپڪاري تعاون لاءِ قدم

پاڪستان ۽ پرتگال وچ ۾ اقتصادي، واپاري ۽ سيڙپڪاري تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

خصوصي اقتصادي علائقن سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري تعاون جي امڪانن جو جائزو ورتو

اسلام آباد (بيورو) خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل پرتگال جي سفير پالو ڊومنگيوس جي ميزباني ڪندي پاڪستان ۽ پرتگا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

پاڪستان نيوي جو عربي سمنڊ ۾ آپريشن، 2 هزار 800 ڪلو گرام منشيات هٿ ڪئي وئي

ميري ٽائم سيڪيورٽي آپريشن جي تحت شڪي مهاڻن جي ٻيڙي تي آپريشن ڪيو ويو

معمول جي گشت دوران پاڪ بحريہ جي جهازن هڪ شڪي ٻيڙي کي روڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪ بحريہ عرب سمنڊ ۾ شڪي مهاڻن جي ٻيڙي خلاف ڪارروائي ڪندي 750 ملين ڊالر جي منشيات هٿ ڪري ورتي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: ميري ٽائيم سيڪيورٽي آپريشنز جي تحت بحيره عرب ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي آهي

وفاقي گهرو وزير پاران عربي سمنڊ ۾ منشيات جي روڪٿام جي ڪامياب آپريشن تي پاڪ بحريہ جي تعريف

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي عربي سمنڊ ۾ منشيات جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڇڪتاڻ ۾ اضافو يوڪرين کي گهربل نتيجا حاصل ٿيڻ بدران صورتحال وڌيڪ خراب ڪري سگهي ٿو: روس

يوڪرين کي سمجهڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ چڙ ڏياريندڙ قدم يا ڇڪتاڻ ۾ اضافي سان هو پنهنجا مقصد حاصل نٿو ڪري سگهي

ڪيس توانائي جي ٽڪاڻن تي حملن ۽ فضائي حملن سميت مختلف شعبن ۾ جنگ جو ڪوششون ڪيون

ماسڪو (م د) روس چيو آهي تہ ڇڪتاڻ ۾ اضافو يوڪرين کي گهربل نتيجا حاصل ٿيڻ بدران صورتحال وڌيڪ خراب ڪري سگهي ٿو. پرڏ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

سينيٽ چيئرمين پاران ثقافتي متاستا ۾ پاڪستان بيلا روس تعاون کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني بيلا روس جي سرڪاري دور/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

گڊز ٽرانسپورٽرز حڪومت کان گاڏين ۽ ڪنٽينرز جو معاوضو ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

سياسي پارٽين طرفان احتجاج ملتوي ڪرڻ جي باوجود گڊز ٽرانسپورٽرز جون گاڏيون اسلام آباد سميت مختلف شهرن ۾ اڃان تائين تحويل ۾ آهن

لاهور مان وڌيڪ تقريبن 200 گاڏيون پڪڙي اسلام آباد منتقل ڪيون ويون آهن ۽ انهن جا ڪنٽينر بہ لاتا پيا وڃن

ٻن هفتن کان وڌيڪ وقت کان حڪومت کان مطالبو ڪيو پيو وڃي تہ لوڊ گاڏيون فوري طور تي رليز ڪيون وڃن

اسلام آباد (بيورو) صدر آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اونرز ايسوسيئيشن محمد اويس چوڌري ايڊووڪيٽ چيو آهي تہ سياسي پارٽين طرفان احتجاج ملتوي ڪرڻ جي باوجود گڊز ٽرانسپورٽرز جون گاڏيون اسلام آباد سميت مخ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

خيبرپختونخواهہ جي باشعور عوام انتشار جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو: انجنيئر امير مقام

صوبائي حڪومت جي ترجيح عوام نہ انتشار آهي، 27 سيپٽمبر ويو، هاڻي 4 آڪٽوبر اچي ويو

ڪي پي ڪي جو سوال اهو ئي آهي، 14 سال ۾ صوبي کي ڇا ڏنو؟ صوبو دهشتگردي ۽ بدامني کي منهن ڏئي رهيو آهي

حڪومت جون سڀ توانائيون مارچن تي لڳل آهن. دهشتگردي سڀ کان وڏو مسئلو آهي

اسلام آباد (بيورو) ڪشمير، گلگت بلتستان معاملن ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ ۽ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي بيان تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي تہ خيبرپ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 27 سيپٽمبر 2026 ع بمطابق 14 ربيع الثاني 1448ھ

حرمين شريفين کان فلسطين تائين، امن لاءِ پاڪستان جو آواز

گڏيل قومن جي 81هين جنرل اسيمبلي ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو خطاب اهڙي وقت ٿيو آهي، جڏهن وچ اوڀر کان ڏکڻ ايشيا تائين جنگ، ڇڪتاڻ، دهشتگردي ۽ سفارتي بي يقيني عالمي امن لاءِ وڏا چيلينج بڻيل آهن. گڏيل قومن جي موجوده اجلاس جو بنيادي پسمنظر به عالمي نظام ۾ اعتماد جي بحالي ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ آهي.

وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ حرمين شريفين جي تقدس ۽ سلامتي کي پاڪستان لاءِ ڳاڙهي لڪير قرار ڏيندي سعودي عرب سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. هن جو اهو موقف رڳو ٻن ملڪن جي لاڳاپن تائين محدود نه ٿو رهي، ڇاڪاڻ ته مڪي ۽ مديني جي مقدس هنڌن جي سلامتي مسلمان دنيا جي عقيدي ۽ جذبات سان گهري وابستگي رکي ٿي. تازو ئي پاڪستان، سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر گڏيل بيان ۾ سعودي عرب جي پنهنجي دفاع جي حق جي حمايت پڻ ڪري چڪا آهن ۽ خطي ۾ محفوظ سامونڊي آمدرفت ۽ سفارتڪاري تي زور ڏنو ويو هو.

پر موجوده عالمي صورتحال جو سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا جنگن کي طاقت سان وڌائڻ بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاري وسيلي روڪڻ لاءِ عالمي برادري واقعي تيار آهي؟ وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ واضح ڪيو ته ميزائلن، ڊرونز ۽ گولين جي شور ۾ سفارتڪاري جو آواز وڌيڪ بلند ٿيڻ گهرجي. هي نقطو ان لحاظ کان اهم آهي ته پاڪستان پاڻ به تازو علائقائي تڪرارن ۾ ڳالهين ۽ ثالثي جي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ جي ڳالهه ڪندو رهيو آهي. جڏهن ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات دوران به وزيراعظم ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي امن جو رستو قرار ڏنو.

وچ اوڀر جي صورتحال ۾ آبنائي هرمز ۽ باب المندب جهڙا سامونڊي رستا عالمي واپار ۽ توانائي جي فراهمي لاءِ غيرمعمولي اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن اهي رستا ڊگهي تڪرار سبب متاثر ٿين ٿا ته ان جا اثر صرف جنگ واري خطي تائين محدود نه رهندا، پر تيل، واپار، مهانگائي ۽ عالمي معيشت تي به پئجي سگهن ٿا. ان ڪري پاڪستان جو انهن سامونڊي رستن کي کليل رکڻ ۽ تڪرار کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪڻ تي زور، عالمي معاشي استحڪام سان پڻ ڳنڍيل آهي.

وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ ڪشمير جو مسئلو به گڏيل قومن جي سامهون رکيو ۽ ان کي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن سان ڳنڍيو. پاڪستان جي سرڪاري سفارتي موقف موجب ڪشمير ۽ فلسطين جا مسئلا گڏيل قومن جي قراردادن ۽ خوداراديت جي اصولن جي روشني ۾ اٿارڻ پاڪستان جي موجوده سفارتي ترجيحن جو حصو رهيو آهي. البت ڏکڻ ايشيا جي مستقبل لاءِ ضروري ڳالهه اها آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ تڪرارن کي جنگي ماحول بدران مسلسل ڳالهين، سفارتي رابطن ۽ عالمي قانون جي دائري ۾ رکيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ٻئي ملڪ ايٽمي صلاحيت رکن ٿا ۽ ڪنهن به وڏي فوجي ڇڪتاڻ جا اثر تمام گهڻا وسيع ٿي سگهن ٿا.

سنڌو درياهه جي پاڻي بابت وزيراعظم جو موقف پڻ انتهائي حساس معاملي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. پاڻي هاڻي رڳو زرعي يا معاشي مسئلو نه رهيو آهي، پر ڏکڻ ايشيا ۾ مستقبل جي امن، خوراڪ ۽ معاشي سلامتي سان جڙيل سوال بڻجي چڪو آهي. اهڙي معاملي کي جنگي ٻولي بدران عالمي معاهدن، قانوني اصولن ۽ مستقل سفارتي ڳالهين وسيلي حل ڪرڻ خطي جي ٻنهي ملڪن ۽ عوام جي مفاد ۾ آهي.

فلسطين بابت وزيراعظم جو خطاب به عالمي ضمير لاءِ اهم سوال کڻي اچي ٿو. غزه ۾ انساني الميي، فلسطينين جي بي دخلي ۽ فلسطيني رياست جي قيام جو مسئلو هاڻي رڳو وچ اوڀر جو معاملو نه رهيو آهي، پر گڏيل قومن جي عالمي ذميوارين جي به آزمائش بڻجي چڪو آهي. پاڪستان فلسطينين جي خوداراديت ۽ رياست جي قيام جي حمايت جو موقف ورجائيندو رهيو آهي؛ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان وزيراعظم جي ملاقات ۾ پڻ فلسطينين جي خوداراديت ۽ رياست جي حق جي حمايت ڀيهر ظاهر ڪئي وئي.

هتي عالمي برادري لاءِ بنيادي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن گڏيل قومن جا اصول سڀني ملڪن لاءِ برابر آهن ته پوءِ انهن اصولن تي عمل ڪرائڻ ۾ فرق ڇو نظر اچي ٿو؟ طاقتور ملڪن لاءِ هڪ معيار ۽ ڪمزور ملڪن لاءِ ٻيو معيار عالمي ادارن تي عوام جي اعتماد کي متاثر ڪري سگهي ٿو. گڏيل قومن جي اصل طاقت ان ڳالهه ۾ آهي ته قانون، انساني حق ۽ خوداراديت جا اصول ڪنهن هڪ ملڪ يا طاقتور ڌر تائين محدود نه هجن.

وزيراعظم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي قربانين جو به ذڪر ڪيو ۽ افغان سرزمين مان پاڪستان خلاف دهشتگرد سرگرمين بابت افغان اختيارين کان قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو. هن معاملي ۾ پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته عالمي برادري کي پنهنجا خدشا سفارتي ۽ دستاويزي انداز ۾ پيش ڪندو رهي ۽ افغانستان سان رابطن جا دروازا پڻ کليل رکي، ڇاڪاڻ ته سرحدي دهشتگردي جو مستقل حل رڳو فوجي ڪارروائي نه، پر سرحدي انتظام، انٽيليجنس تعاون، سياسي رابطا ۽ علائقائي سفارتڪاري جي گڏيل حڪمت عملي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

هن سڄي خطاب جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته پاڪستان پاڻ کي رڳو تڪرارن جي ڌر طور نه، پر ڳالهين ۽ امن جي ڪوششن ۾ ڪردار ادا ڪندڙ ملڪ طور پيش ڪرڻ چاهي ٿو. پاڪستان جي سرڪاري بيان موجب گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پڻ علائقائي امن لاءِ پاڪستان جي سفارتي ۽ ثالثي ڪوششن کي ساراهيو آهي. اهڙي سفارتي سڃاڻپ تڏهن وڌيڪ اثرائتي بڻجي سگهي ٿي، جڏهن پاڪستان عالمي فورمن تي امن جي ڳالهه ڪرڻ سان گڏ پنهنجي اندر به سياسي استحڪام، معاشي مضبوطائي، قانون جي بالادستي ۽ انساني حقن جي تحفظ کي اوليت ڏئي.

حرمين شريفين جي سلامتي، فلسطين جو مسئلو، ڪشمير، سنڌو پاڻي، دهشتگردي ۽ وچ اوڀر ۾ جنگون، اهي سڀ الڳ الڳ مسئلا نظر اچن ٿا، پر انهن جي بنياد ۾ هڪ ئي وڏو سوال موجود آهي: دنيا ۾ طاقت جو استعمال قانون کان مٿانهون رهندو يا عالمي قانون واقعي سڀني لاءِ برابر هوندو؟ جيڪڏهن گڏيل قومن کي پنهنجي اهميت برقرار رکڻي آهي ته ان کي رڳو تقريرن جو فورم نه، پر جنگن کي روڪڻ، ڳالهين جا دروازا کولڻ، انساني جانين جي تحفظ ۽ عالمي قانون تي عمل ڪرائڻ جو مؤثر ادارو بڻجڻو پوندو.

پاڪستان لاءِ به هي وقت رڳو عالمي فورمن تي سخت موقف ورجائڻ جو نه، پر مستقل ۽ نتيجا ڏيندڙ سفارتڪاري جو آهي. حرمين شريفين جي تقدس بابت پاڪستان جو موقف واضح آهي. فلسطين ۽ ڪشمير بابت ان جو سفارتي موقف به ڊگهي عرصي کان موجود آهي، جڏهن ته خطي جي امن لاءِ ڳالهين کي ترجيح ڏيڻ به پاڪستان جو اعلانيل اصول آهي. هاڻي اصل اهميت ان ڳالهه جي آهي ته انهن اصولن کي اهڙي سفارتڪاري ۾ تبديل ڪيو وڃي، جيڪا جنگ جي امڪان کي گهٽائي، امن جا رستا وڌائي ۽ پاڪستان کي پنهنجي علائقي ۾ استحڪام جو ذميوار ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائي.

حوثين جا حملا، سعودي عرب ۾ هنگامي اجلاس: مڪ معاهدو هاڻي ڪهڙو رخ وٺندو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

يمن جي حوثين طرفان سعودي عرب تي تازن حملن کان پوءِ وچ اوڀر جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر انتهائي اهم مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي. سعودي عرب جي سلامتي بابت وڌندڙ خدشن جي وچ ۾ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ جي اعليٰ فوجي اختيارين جي هنگامي اجلاس جي تياري ڪئي پئي وڃي. هي اجلاس ان ڪري به اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪجهه عرصو اڳ ٽنهي ملڪن وچ ۾ ٿيل مڪ گڏيل دفاعي معاهدي کان پوءِ سعودي عرب کي اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن ۾ معاهدي جي عملي حيثيت بابت ڪيترائي سوال سامهون اچي رهيا آهن.

سعودي عرب موجب تازن حملن دوران سندس هوائي دفاعي نظام ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل روڪيا آهن، جڏهن ته حوثين طرفان سعودي علائقن ۽ اهم تنصيبات کي نشانو بڻائڻ جون دعوائون پڻ سامهون آيون آهن. انهن دعوائن جي هر تفصيل جي آزاد ذريعن کان تصديق ممڪن ناهي، پر حملن جي اطلاعات سبب سعودي عرب جي دفاع ۽ علائقائي سلامتي جو مسئلو ٻيهر عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي.

مڪ گڏيل دفاعي معاهدو سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي وچ ۾ دفاعي سهڪار کي نئين شڪل ڏيڻ لاءِ اهم قدم هو. معاهدي جو بنيادي تصور اهو آهي ته ٽنهي مان ڪنهن هڪ ملڪ تي هٿياربند حملو ٽنهي ملڪن جي گڏيل سلامتي لاءِ خطرو تصور ڪيو ويندو. هاڻي جڏهن سعودي عرب کي ميزائل ۽ ڊرون حملن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تڏهن هن معاهدي جو عملي رخ سڀني کان اهم سوال بڻجي ويو آهي.

هن هنگامي اجلاس جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي ته ان ۾ رڳو سعودي عرب جي موجوده صورتحال تي ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي، پر ٽنهي ملڪن جي مستقبل جي دفاعي سهڪار، معلومات جي ڏي وٺ، هوائي دفاع ۽ علائقائي سلامتي بابت به غور ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن ٽنهي ملڪن وچ ۾ دفاعي سهڪار جو دائرو وڌايو وڃي ٿو ته ان جا اثر رڳو سعودي عرب تائين محدود نه رهندا، پر پوري وچ اوڀر جي سلامتي واري صورتحال تي به پوندا.

پاڪستان لاءِ هي معاملو خاص حساسيت رکي ٿو. سعودي عرب سان پاڪستان جا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل آهن، جن ۾ دفاعي سهڪار کي اهم حيثيت حاصل رهي آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوجي تربيت، دفاعي تعاون ۽ مختلف شعبن ۾ رابطن جي ڊگهي تاريخ موجود آهي. مڪ معاهدي پاڪستان ۽ سعودي عرب جي دفاعي لاڳاپن کي ترڪيءَ سان به هڪ نئين گڏيل فريم ورڪ ۾ آندو آهي.

پر موجوده صورتحال ۾ پاڪستان کي پنهنجي دفاعي ذميوارين سان گڏ علائقائي امن ۽ سفارتڪاري کي به سامهون رکڻو پوندو. يمن جو بحران جيڪڏهن وڌيڪ وسيع علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿئي ٿو ته ان جا اثر توانائي، واپار، سامونڊي آمدرفت ۽ پوري اسلامي دنيا جي سياسي صورتحال تي پئجي سگهن ٿا. ان ڪري سعودي عرب جي سلامتيءَ جي حمايت سان گڏ جنگ کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ سفارتي ڪوششون به اهم آهن.

ترڪيءَ جو ڪردار پڻ هن معاملي ۾ اهم ٿي سگهي ٿو. ترڪي سعودي عرب سان دفاعي سهڪار وڌائڻ سان گڏ علائقائي مسئلن جي سفارتي حل تي پڻ زور ڏيندو رهيو آهي. ٽنهي ملڪن جو گڏيل اجلاس اهڙي صورتحال ۾ دفاع ۽ سفارتڪاري ٻنهي رستن کي گڏ کڻي هلڻ لاءِ هڪ اهم موقعو بڻجي سگهي ٿو.

هن صورتحال جو هڪ ٻيو اهم پاسو باب المندب وارو سامونڊي رستو آهي، جيڪو عالمي واپار لاءِ انتهائي اهم سمجهيو وڃي ٿو. يمن جي ويجهو جاري ڇڪتاڻ سامونڊي آمدرفت ۽ عالمي واپار لاءِ وڌيڪ خدشا پيدا ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن حملن جو سلسلو وڌي ٿو ته ان جو اثر رڳو سعودي عرب يا يمن تائين محدود نه رهندو، پر توانائي جي عالمي فراهمي ۽ واپار تي به پئجي سگهي ٿو.

يمن جي عوام لاءِ صورتحال اڳ ئي انتهائي ڏکي آهي. ڪيترن ئي سالن کان جاري جنگ سبب ملڪ ۾ انساني بحران پيدا ٿي چڪو آهي. نئين فوجي ڇڪتاڻ عام ماڻهن لاءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ڪري سگهي ٿي. ان ڪري عالمي برادري لاءِ به اهو سوال اهم آهي ته علائقائي سلامتي سان گڏ يمن جي انساني صورتحال کي ڪيئن بهتر بڻايو وڃي.

هاڻي سڀ کان وڌيڪ نظرون ان هنگامي اجلاس تي آهن، جتي ٽنهي ملڪن جي اعليٰ فوجي قيادت سعودي عرب کي درپيش خطرن ۽ گڏيل دفاعي سهڪار بابت غور ڪندي. هن اجلاس مان نڪرندڙ حڪمت عملي مستقبل ۾ مڪ معاهدي جي عملي شڪل کي واضح ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

ڇا سعودي عرب جي هوائي ۽ ميزائل دفاع کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۽ ترڪيءَ جو تعاون وڌندو؟ ڇا ٽنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل دفاعي منصوبابندي وڌيڪ تيز ٿيندي؟ يا سفارتي ڪوششن کي ترجيح ڏئي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي؟ انهن سوالن جا جواب ايندڙ ڏينهن ۾ سامهون ايندا.

هڪ ڳالهه واضح آهي ته سعودي عرب تي ٿيندڙ حملا هاڻي رڳو يمن ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هڪ محدود تڪرار طور نه ڏٺا پيا وڃن. مڪ دفاعي معاهدي کان پوءِ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي هڪ اهڙي گڏيل صورتحال ۾ اچي بيٺا آهن، جتي هر فيصلو وڏي احتياط سان ڪرڻو پوندو.

هن وقت ضرورت اهڙي حڪمت عملي جي آهي، جيڪا سعودي عرب جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ سان گڏ خطي کي وڌيڪ وڏي جنگ ڏانهن وڃڻ کان به روڪي. جيڪڏهن دفاعي سهڪار، سياسي هم آهنگي ۽ سفارتڪاري هڪ ئي وقت اڳتي وڌن ٿا ته ٽنهي ملڪن لاءِ علائقائي استحڪام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو هڪ نئون رستو کلي سگهي ٿو. حوثين جي حملن کان پوءِ ٿيندڙ هي هنگامي اجلاس ان ڳالهه جو اهم اشارو هوندو ته مڪ معاهدو ايندڙ مرحلي ۾ ڪهڙو رخ اختيار ڪري ٿو.

ايراني صدر جو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ تاريخي جنگي خطاب

اعجاز ممنائي

23 سيپٽمبر 2026 ع تي 81هين گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ايراني صدر مسعود پزشڪيان هڪ اهڙو خطاب ڪيو جنهن کي عالمي ميڊيا تاريخي ۽ ناياب جنگي خطاب قرار ڏئي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو خطاب اهڙي ملڪ جي صدر ڪيو جيڪو هن وقت ميزبان ملڪ آمريڪا سان جنگ جي حالت ۾ آهي.ان کان هڪ ڏينهن اڳ ساڳئي اسٽيج تان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي ڌمڪي ڏيندي چيو هو ته هو ايران سان ڊيل ڪندو يا "اسلامي جمهوريه کي تباهه (ANNIHILATE) ڪري ڇڏيندو" ۽ ايران کي ايٽم بم ٺاهڻ نه ڏنو ويندو.ان جو جواب ڏيندي صدر پزشڪيان چيو ته "ڪالهه آمريڪي صدر پنهنجي خطاب ۾ اسان کي دهشتگرد چيو. جڏهن ته اسان پاڻ دهشتگرديءَ جو شڪار آهيون، اسان دهشتگرد ناهيون. جيڪي ماڻهو پاڻ دهشتگرد آهن، اهي ئي اسان تي دهشتگرد هجڻ جا الزام لڳائين ٿا. اسان آمريڪي هدفن کي نشانو بڻايو آهي، عام شهرين کي نه. "ايراني قيادت جو موقف رهيو آهي ته ايران جون ڪارروايون آمريڪي فوجي اڏن ۽ اثاثن خلاف آهن ۽ شهرين کي نشانو بڻائڻ مقصد ناهي. البت آمريڪا ۽ ٻين ملڪن طرفان ايران تي الزام لڳايا ويا آهن ته ان جي حملن سبب مختلف هنڌن تي شهري به متاثر ٿيا آهن اسان صرف پنهنجو دفاع ڪيو آهي." هن چيو ته ٽرمپ جي لفظن کانپوءِ هن پنهنجي تيار ڪيل تقرير ڦاڙي نئين تقرير لکي هئي، خطاب دوران انتهائي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيو جڏهن پزشڪيان هٿ ۾ اڳوڻي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي تصوير ڪڍي، جيڪو 28 فيبروري 2026 تي آمريڪا_اسرائيل جي گڏيل حملي جي پهرين ڏينهن تي شهيد ڪيو ويو هو.ان کانپوءِ هن 150 کان وڌيڪ اسڪولي ٻارڙن جون تصويرون ڏيکاريون جن بابت هن چيو ته اهي ڏکڻ شهر ميناب ۾ هڪ اسڪول تي آمريڪي بمباري ۾ شهيد ٿيا هئا.هن چيو ته "هنن اسان کي ماريو، پر اسان ڪنڌ نه جهڪايو، گوڏا نه کوڙيا." پزشڪيان واضح ڪيو ته ايران ايٽم بم ٺاهڻ نٿو چاهي، ايران کي پرامن ايٽمي ٽيڪنالاجي گهرجي پر هو سول ايٽمي پروگرام تي ڪا به پابندي قبول نه ڪندو.هن ڳالهين لاءِ دروازو کليل رکندي چيو "مسٽر ٽرمپ ۽ بدمعاشي ڪندڙن کي سمجهڻ گهرجي ته اسان ڳالهين، سفارتڪاري ۽ ڊائلاگ لاءِ تيار آهيون، پر طاقت جي ٻولي قبول نه ڪنداسين." ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو ته قطر جي وچٿي ذريعي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ 3 ڪلاڪ اڻ سڌي ڳالهين جو ڏي وٺ ٿيو. ايران جا شرط آهن:

1. آمريڪي حملا فوري بند ڪيا وڃن
2. ايراني بندرگاهن تي آمريڪي بحري ناڪابندي ختم ڪئي وڃي
3. ايران جا منجمد تيل ارب ڊالر جاري ڪيا وڃن

جيئن ئي ايراني صدر تقرير شروع ڪئي ته آمريڪي وفد جي هڪ آفيسر هال مان واڪ آئوٽ ڪري ويو ۽ اسرائيلي وفد خطاب جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو. آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو ته "ايران کي انساني حقن تي ليڪچر ڏيڻ جو ڪو به حق ناهي". پزشڪيان هارمز جي نار بابت به چيو ته ڪو به ملڪ اڪيلو ان مان فائدو حاصل نٿو ڪري سگهي جڏهن ته اسان تي حملا ڪري اسان جي سلامتي کي خطري ۾ وجهي. ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو ته ايران آمريڪا سان جنگ ۾ فوجي طاقت آڏو هٿيار نه ڦٽا ڪندو، پر ايران تڪرار جي خاتمي لاءِ سفارتڪاري تي يقين رکي ٿو.هن چيو ته آمريڪا هڪ ايراني قصبن تي ڪلسٽر بم ڪيرايا جنهن ۾ معصوم شهرين، عورتن ۽ ٻارڙن کي شهيد ڪيو ويو. اسپتالن ۽ اسڪولن تي حملن ۾ عالمي قانونن جو خيال نه رکيو ويو جنهن سان سوين ماڻهو شهيد ۽ هزارين بي گهر ٿي چڪا آهن. عالمي برادري جي ٻٽي معيار تي سخت تنقيد ڪندي صدر مسعود پزشڪيان چيو ته "اسرائيل قتل عام ڪري ٿو ۽ پابنديون ايران تي لڳايون وڃن ٿيون، اهو ٻٽو معيار آهي". ايراني صدر چيو ته آمريڪي صدر ڄاڻي وٺي ته ڌمڪيون ۽ خطرا ايراني قوم کي متحد ڪن ٿا.خطي جي سلامتي ۽ آبي لنگهن جي حوالي سان صدر پزشڪيان چيو ته آبنائي هرمز کي ڪنهن به صورت ۾ انهن هٿيارن جي پهچائڻ لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو جيڪي ايران خلاف استعمال ڪيا وڃن.ايراني صدر جي تقرير شروع ٿيندي ئي آمريڪي نمائندي جنرل اسيمبلي جي اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو.هي جنگ لڳ ڀڳ ست مهينا اڳ فيبروري ۾ شروع ٿي هئي ۽ هي پهريون ڀيرو آهي جو جنگ ۾ ملوث ملڪ جو صدر دشمن ملڪ جي سرزمين تي ويهي گڏيل قومن ۾ خطاب ڪري رهيو هو.

بقايا *** 01

ڇڪتاڻ ۾ واڌ، اسرندڙ ملڪن جي ڪاميابين کي وري خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مضبوط، گهڻ رخي تعاون جي ضرورت آهي. چين جي نائب صدر هان زينگ جي ميزباني ۾ عالمي ترقياتي قدمن تي اعليٰ سطحي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته ڪووڊ_19 جي وبا جي عروج دوران 5 سال اڳ صدر شي جن پنگ عالمي ترقياتي قدمن (گلوبل ڊولپمينٽ انيشيٽو) پيش ڪيو هو. هي هڪ اهڙو دور انديش قدم هو جيڪو پنهنجي وقت کان ڪيترائي پيرا اڳيان هو. اڄ دنيا صدر شي جن پنگ جي ان فيصلي جي پسمنظر ۾ لڪيل دانائي ۽ بصيرت کي تسليم ڪري ٿي. هن چيو ته 2030 ع جي انهن قدمن جي مقرره مدت پوري ٿيڻ ۾ هاڻي 4 سال رهجي ويا آهن پائيدار ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ طرف اڳڀرائي اڃا به ناڪافي ۽ سست آهي. پائيدار ترقي جي هدفن لاءِ مالي وسيلن جي وڌندڙ کوٽ بار بار ايندڙ ۽ پهرين کان وڌيڪ شديد موسمي آفتن، خوراڪ ۽ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن ۽ جاگرافيائي سياسي ڇڪتاڻ ۾ واڌ، اسرندڙ ملڪن جي ڪيترن ئي ڏهاڪن جي ڪاميابين کي هڪ ڀيرو ٻيهر خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مضبوط، گهڻ رخي تعاون جي ضرورت آهي. هن چيو ته عوام جمهوريه چين ۽ ان جي عالمي قدمن ان سلسلي ۾ وقت سر اڳڀرائي ڪئي. عالمي ترقياتي قدمن جو فريم ورڪ اڳ ۾ ئي اسرندڙ دنيا لاءِ نئون ۽ عملي فائدن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، اهي قدم سڀني لاءِ فائدي جي حقيقي روح موجب فائدو پهچايو آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي ڊي آءِ جي مڪمل حمايت جي توثيق ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته اهو يڪجهتي زمين جي ڏاکڻ ملڪن جي تعاون ۽ اسرندڙ ملڪن لاءِ ٺوس نتيجن جي فراهمي جو هڪ اهم پليٽ فارم آهي. جي ڊي آءِ جا هدف اسان جي قومي اقتصادي تبديلي جي منصوبي جي تڪميل ڪن ٿا. وزيراعظم چيو ته چين سان اسان جو تعاون بيلٽ اينڊ روڊ قدمن ذريعي جاري آهي. هن جو فليگ شپ منصوبو چين پاڪستان اقتصادي راهداري ذريعي بي جاري آهي. وزيراعظم چيو ته سي پيڪ هاڻي پنهنجي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جيئن جيئن اسان 2030 ع طرف وڌي رهيا آهيون پاڪستان جي ڊي آءِ جي سمورن حصيدارن سان تعاون وڌيڪ وسيع ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ڪامياب منصوبن جي وڏي پئماني تي نقل ڪري تعاون جا نوان ۽ جدت تي ٻڌل شعبن جي نشاندهي ڪري تعاون وڌائي رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته عالمي ترقياتي قدم 2030 ع جي ايجنڊا تي اڳڀرائي تيز ڪرڻ جي به ضرورت آهي. گڏوگڏ عالمي حڪمراني قدمن، عالمي حڪمراني لاءِ وڌيڪ نمائنده ڍانچي جو متلاشي آهي. اهڙو ڍانچو جيڪو اسرندڙ ملڪن جي ترجيحن موجب هجي. هن چيو ته سيڪريٽري جنرل کي يو اين 80 قدمن کي گڏيل قومن جي ترقياتي ٿنڀ کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. انهن قدمن کي عملي سطح تي نتيجا فراهم ڪرڻ جي ان جي صلاحيت کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان انهن سمورن انتهائي اهم قدمن جو پختو حامي آهي ۽ رهندو. وزيراعظم چيو ته اسان پنهنجي مضبوط ترين دوست چين ۽ گروپ آف فرينڊز جي ساٿي ميمبرن سان گڏوگڏ مسلسل ويجهي تعاون جا منتظر آهيون ته جيئن اسان گڏجي هڪ اهڙو معاشرو جوڙيون جيڪو انسانيت جي گڏيل مستقبل جي تصور کي اڳتي وڌائي.

بقايا *** 02

ريٽري سيف سٽي ڪئميرا ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر جي تحفظ ۽ نقصان جي تلافي بابت آرڊيننس جي منظوري ڏئي ڇڏي. ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق آرڊيننس جو مقصد سيف سٽي ڪئميرائن ۽ نگراني جي نظام کي نقصان کان محفوظ بڻائڻ ۽ نقصان جي صورت ۾ ان جي تلافي يقيني بڻائڻ آهي. آرڊيننس تحت سيف سٽي ڪئميرائن ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ، نقصان پهچائڻ تي اڪسائڻ يا ترغيب ڏيڻ تي مالي ڏنڊ لڳائي سگهبو. سيف سٽي ڪئميرائن يا سرويلنس انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ جي صورت ۾ في ڪئميرا يا انفراسٽرڪچر 20 لک روپين تائين ڏنڊ لڳائي سگهبو. جلسن، جلوسن، ڌرڻن، احتجاج، هڙتال يا اجتماع دوران ٿيندڙ نقصان جي صورت ۾ انتظام سنڀاليندڙ کي نقصان جو ذميوار قرار ڏئي سگهبو. ڏنڊ ۽ نقصان جي لاڳت جو تعين لاڳاپيل آفيسر طرفان ٻڌڻي جو موقعو فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيو ويندو. لاڳاپيل شخص کي ڏنڊ يا نقصان جي لاڳت جي تعين خلاف 30 ڏينهن اندر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اسلام آباد آڏو اپيل جو حق حاصل هوندو. ڏنڊ يا نقصان مقرر رقم جي عدم ادائيگي جي صورت ۾ ان کي ايراضي جي ٽيڪس جي بقاياجات طور وصول ڪري سگهبو. ڏنڊ ۽ نقصان جي مد ۾ وصول ٿيل رقم سيف سٽي ڪئميرائن ۽ سرويلنس انفراسٽرڪچر جي مرمت ۽ تبديلي تي خرچ ڪئي ويندي.

بقايا *** 03

ڪائونسل جي غير رسمي اجلاس جي موقعي تي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر اسد مجيد خان سان ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان مطابق اسحاق ڊار اي سي او جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ سيڪريٽري جنرل جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ پاڪستان جي صدارت دوران ويجهي رابطي جي اهميت تي زور ڀريو ته جيئن علائقائي اقتصادي سهڪار، رابطي ۽ انضمام کي مضبوط بڻائي سگهجي.

بقايا *** 04

ڪان پوءِ وطن واپسي لاءِ نيويارڪ مان لنڊن روانو ٿي ويو آهي. وزيراعظم پنجن ڏينهن جي مصروف دوري دوران جنرل اسيمبل جي اجلاس کي خطاب ڪيو. جڏهن ته ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون پڻ ڪيون، جن ۾ علائقائي ۽ عالمي سلامتي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ٿيون. هن پاڪستاني آمريڪي ڪاروباري شخصيتن سان پڻ ملاقاتون ڪيون ۽ ملڪ ۾ سيڙپڪاري تي زور ڀريو. وزيراعظم گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش سان پڻ ملاقات ڪئي، جنهن جو ايندڙ مهينن ۾ پاڪستان جو دوروڪرڻ جو امڪان آهي، جيڪو 31 ڊسمبر 2026 ع تي پنهنجو پنجن سالن جو مدو پورو ڪري رهيو آهي. يو اين جنرل اسيمبلي کي ڪيل خطاب ۾ وزيراعظم تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. هن ڀارت کي خبردار ڪيو ته پاڪستان جي حصي جو درياهن جو پاڻي روڪڻ، رڪاوٽ وجهڻ يا ان جو رخ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش کي جنگي عمل تصور ڪيو ويندو.

بقايا *** 05

صائم سليم ڀارتي نمائندي پٽيل گهلوت جي بيان تي جنرل اسيمبلي ۾ جاوب جو حق استعمال ڪندي چيو ته ڀارت پاڪستان خلاف دهشتگرد گروهن جي مدد ڪري رهيو آهي، جن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان، بلوچستان لبريشن آرمي ۽ ان جي مجيد برگيڊ شامل آهن. اهي الزام پاڪستان طرفان پيش ڪيا ويا آهن. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان کنيو آهي. دهشتگردي سبب هلندڙ صدي جي شروعات کان هن وقت تائين اٽڪل هڪ لک پاڪستاني جانين کان محروم ٿي چڪا آهن. صائم سليم ڪشمير جي معاملي تي ڀارتي موقف جو جواب ڏيندي چيو آهي، ته آزاد ۽ جمون ڪشمير ۽ ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير جي صورتحال کي هڪجهڙو قرار نٿو ڏئي سگهجي. هن چيو ته پاڪستان موجب آزاد ڪشمير ۾ ڪشميري سياسي عمل ۾ حصو وٺن ٿا ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار جو حق رکن ٿا، جڏهن ته ڀارتي قبضي هيٺ والاريل ڪشمير کي بنيادي حقن ۽ خوداراديت واري حق کان محروم رکيو ويو آهي. هن سنڌو درياهه جي پاڻي بابت 1960 ع جي سنڌ طاس معاهدي کي معطل رکڻ وارن ڀارتي قدمن تي تنقيد ڪندي چيو ته پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جي زندگي جو بنيادي وسيلو آهي. پاڪستاني نمائندي چيو آهي، ته جمون ڪسمير عالمي طور تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ پاڪستان ڪشميري عوام جي خوداراديت واري حق جي حمايت جاري رکندو.

بقايا *** 06

.اپوزيشن ترجمان اخونزاده حسين يوسف زئي وزيراعظم جي خط ملڻ جي تصديق به ڪري ڇڏي آهي. واضح رهي ته گذريل ڪجهه ڏينهن اڳ وزيراعظم شهباز شريف ۽ اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي وچ ۾ چيف اليڪشن ڪمشنر، اليڪشن ڪميشن جي نئين ميمبرن جي مقرري جي حوالي سان رابطو ٿيو ذريعن موجب وزيراعظم اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي خط جو جواب اماڻي ڇڏيو هو.

بقايا *** 07

ماضي جي حڪومت پنهنجي اقتدار کي برقرار رکڻ جي لاءِ افغان پاليسي تي عمل ڪيو هو جنهن سان موجوده حڪومت جو ڪو به تعلق نه آهي. هن چيو ته اهڙي پاليسي سبب ڪيترين ئي پريشانيون پيدا ٿيون جنهن جا اثراج به محسوس ڪيا پيا وڃن اسان اهڙن مسئلن کي پاڻ حل ڪري رهيا آهيون. دفاع واري وزير وڌيڪ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن ۾ پاڪستان ۽ عالمي سطح تي پيش ايندڙ اهم مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ ڀارت کي واضح پيغام ڏنو ته ڪنهن به جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو.

بقايا *** 08

۾ حرمين شريفين ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل حافظ محمد طاهر محمود اشرفي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي خطاب جي آجيان ڪندي چيو آهي، ته وزيراعظم جو خطاب پاڪستاني قوم، عالم اسلام، فلسطيني عوام ۽ حرمين شريفين سان گهري عقيدت رکندڙ سمورن ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪري ٿو ڇنڇرڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته وزيراعظم عالمي برادري آڏو فلسطين، ڪشمير ۽ سعودي عرب جي مقدس ماڳن جي سلامتي ۽ تقدس جي حوالي سان پاڪستان جي پراڻي موقف کي واضح انداز ۾ پيش ڪيو آهي.هن چيو ته پاڪستان فلسطيني عوام ۽ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ حرمين شريفين جي سلامتي، دفاع ۽ استحڪام کي بنيادي اهميت ڏئي ٿو. هن چيو ته وزيراعظم جمعي ڏينهن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي سعودي عرب خلاف هاڻوڪي حوثي حملن جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي، ته حرمين شريفين جي سلامتي ۽ تقدس کي ڪنهن به خطري کي اهڙي ريڊ لائين قرار ڏنو جنهن کي ڪڏهن به پار نٿو ڪري سگهجي. هن سعودي عوام سان گڏ پاڪستان جي يڪجهتي جي پڻ ورجايو.هن چيو ته پاڪستان پنهنجي اصولي موقف تي قائم آهي ۽ عالمي فورمن تي ان کي مسلسل اجاگر ڪندو رهندو. هن زور ڀريو آهي، ته ڪنهن به خطري جو ذريعو يا نوعيت ڪجهه به هجي پاڪستان سعودي عرب، مڪي شريف ۽ مدينه منوره جي تقدس يا حرمين شريفين جي سلامتي خلاف ڪنهن به قدمن کي قبول نٿو ڪري سگهي. هن وزيراعظم طرفان سعودي عرب لاءِ پاڪستان جي حمايت جي عزم جي آجيان ڪندي چيو ته گڏيل قومن ۾ وزيراعظم جي خطاب سعودي عرب جي خودمختياري ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جي اهميت ۽ وابستگي کي واضح ڪيو.

بقايا *** 09

26_2025 ع دوران 54.8 ارب روپين تائين پهچي ويو. رپورٽ مطابق گذريل مالي سال ۾ شعبي جو مجموعي ريونيو 26.22 سيڪڙو وڌي 1.54 ٽريلين روپيا رهيو، جيڪو 25_2024 ع دوران 1.22 ٽريلين روپيا رهيو هو. اهڙي طرح مالي سال 25_2024 ع جي ڀيٽ ۾ 26_2025 ع دوران ان شعبي جي مجموعي ريونيو ۾ 0.32 ٽريلين روپيا يعني 26 سيڪڙو کان وڌيڪ جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 10

روڪٿام جي ڪامياب آپريشن تي پاڪ بحريه جي تعريف ڪندي پاڪستان نيوي جي آفيسرن ۽ عملي جي پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيو. گهرو وزارت پاران جاري بيان ۾ وفاقي وزير آپريشن ۾ حصو وٺندڙ سموري ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته منشيات جي اسمگلنگ خلاف پاڪستان نيوي جون ڪارروائيون ساراهه جوڳيون آهن.

بقايا *** 11

ل وچ ۾ اقتصادي، واپاري ۽ سيڙپڪاري تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات دوران ٽيڪسٽائيل، زراعت، معلومات ۽ مواصلاتي ٽيڪنالاجي، دواسازي ۽ خصوصي اقتصادي علائقن سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري تعاون جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو. ايس آءِ ايف سي پاڪستان ۾ موجود سيڙپڪاري جي موقعن، ترجيحي شعبن ۽ سيڙپڪارن کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيل مربوط طريقيڪار تي روشني وڌي. ايس آءِ ايف سي واضح ڪيو ته سيڙپڪارن کي مربوط ۽ موثر سهولت فراهم ڪرڻ ان جي بنيادي مقصدن ۾ شامل آهي. ڪائونسل لاڳاپيل وفاقي، صوبائي ۽ شعبه جاتي ادارن وچ ۾ رابطڪاري ذريعي ملڪي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن کي موزون موقعن تائين رسائي ۽ سيڙپڪاري جي عمل ۾ مدد فراهم ڪري رهي آهي. ملاقات ۾ سيالڪوٽ ۾ پرتگال جي ناليواري فٽبال ڪلب ايف سي پرونٽو جي ڊريگن فورس اڪيڊمي جي قيام کي به ساراهيو جيڪو فارورڊ اسپورٽس جي ڀائيواري سان قائم ڪيو ويو هي پاڪستان ۾ يورپي فٽبال ڪلب جي پهرين ڊريگن فورس اڪيڊمي آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ راندين، ڪاروباري رابطن ۽ عوامي سطح تي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جو هڪ مثبت مثال آهي. ايس آءِ ايف سي پاڪستان ۽ پرتگال وچ ۾ گڏيل طور مفيد سيڙپڪاري، حصيداري کي هٿي وڌائڻ جي عزم کي ورجائيندي چيو ته ڪائونسل عالمي سيڙپڪارن کي پاڪستان جي مختلف شعبن ۾ موجود موقعن سان جوڙڻ ۾ لاڳاپيل ادارن سان مربوط سهولت ڪاري جاري رکندي ڪائونسل جو مقصد عالمي شراڪتدارن سان مسلسل رابطن ذريعي سيڙپڪاري جا نوان موقعا اجاگر ڪرڻ، ڪاروباري رابطن کي هٿي ڏيڻ ۽ پاڪستان جي ترجيحي شعبن ۾ گڏيل مفادن تي ٻڌل اقتصادي تعاون کي هٿي ڏيڻ آهي.

بقايا *** 12

خونخواهه جي با شعور عوام انتشار جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو هتي جاري بيان مطابق انجنيئر امير مقام چيو ته صوبائي حڪومت جي ترجيح عوام نه انتشار آهي. 27 سيپٽمبر ويو، هاڻي 4 آڪٽوبر اچي ويو، پر ڪي پي ڪي جو سوال اهو ئي آهي. 14 سال ۾ صوبي کي ڇا ڏنو؟ صوبو دهشتگردي ۽ بد امني کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ حڪومت جون سڀ توانائيون مارچن تي لڳل آهن. هن چيو ته دهشتگردي سڀ کان وڏو مسئلو آهي، پر پي ٽي آءِ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سنجيده ناهي، ڪي پي ڪي جي حڪومت جي ترجيحن ۾ به دهشتگردي جي خاتمي جي ڪا واضح ايجنڊا نظر نه ٿي اچي. اها ڳالهه به سوال جوڳي آهي ته اڄ تائين پي ٽي آءِ جي ڪنهن ريلي، عوامي اجتماع يا ڪنهن اڳواڻ کي دهشتگردي جي ڪنهن حملي کي منهن ڏيڻو پيو آهي. هن چيو ته عوام ڄاڻي ٿو ته اسان ماضي ۾ ڪيترائي ڀيرا آپگهاتي حملن کي منهن ڏئي چڪا آهيون. ان ڪري اها صورتحال ڪيترا ئي سوال اٿاري ٿي. دهشتگردي جو ڏک انهن هزارين خاندانن کان پڇيو جن پنهنجا پيارا وڃايا، ڪنهن به صورت ۾ پوليس تي قبضو يا ان کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. وفاقي وزير چيو ته ڪي پي ڪي پوليس دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن ۽ اسان پوليس کي سياست ۾ گهلڻ جي خلاف آهيون. 4 آڪٽوبر جو واحد مقصد صوبي کي بند رکڻ، عوام لاءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي وڌيڪ سزا ڏيڻ آهي.

بقايا *** 13

. آءِ ايس پي آر موجب ميري ٽائم سيڪيورٽي آپريشن جي تحت شڪي مهاڻن جي ٻيڙي تي آپريشن ڪيو ويو. آپريشن پي اين ايس حنين ۽ پي اين ايس يرموڪ عرب سمنڊ ۾ ڪيو آئي ايس پي آر جو چوڻ آهي ته معمول جي گشت دوران پاڪ بحريه جي جهازن هڪ شڪي ٻيڙي کي روڪيو. تلاشي جي دوران ٻيڙي جي ڳجهن خانن مان منشيات کي هٿ ڪيو ويو آئي ايس پي آر ٻڌايو ته آپريشن جي دوران پاڪ بحريه جي جهازن 2 هزار 800 ڪلو گرام کان وڌيڪ منشيات ضبط ڪئي، ضبط ڪيل منشيات جي عالمي منڊي ۾ ماليت تقريبن 750 ملين ڊالر آهي. ڪامياب آپريشن تي پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف ٻنهي جهازن جي عملي جي تعريف ڪئي. جڏهن ته پاڪ بحريه سمنڊ ۾ بحري سلامتي جي تحفظ ۽ اسمگلنگ جي خلاف ڪارروائين جي ارادي جو اظهار ڪيو 3 ڏينهن اڳ پاڪ بحريه ۽ ڪوسٽ گارڊز بلوچستان جي علائقي پيشوڪان ۾ گڏيل آپريشن ڪري اسمگل ٿيل شراب ۽ غيرقانوني دوائون هٿ ڪيون هيون. آءِ ايس پي آر موجب ڪارروائي ڳجهي اطلاعن تي ميري ٽائيم انفارميشن ڪوآرڊينيشن جي مدد سان ڪئي وئي. هٿ آيل پابندي مڙهيل سامان پاڪستان ڪوسٽ گارڊز جي حوالي ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ هو ته پاڪ بحريه سمنڊ ۾ غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام لاءِ هر وقت تيار ۽ قومي بحري هنڌن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف عرب سمنڊ ۾ 2 هزار 800 ڪلو گرام کان وڌيڪ منشيات هٿ ڪرڻ تي پاڪستان نيوي جي آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم پاڪستان نيوي جي آفيسرن ۽ عملي جي پيشه وارانه مهارت ۽ نگراني جي تعريف ڪندي چيو ته پاڪستان جي سامونڊي حدن جي حفاظت ۽ سمنڊ ذريعي غيرقانوني اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ پاڪستان نيوي جو ڪردار اهم آهي.

بقايا *** 14

وٽ پاڻي جي آمد 67 هزار ڪيوسڪ ۽ چوڙ هڪ لک ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ ترتيبوار 13 هزار 200 ڪيوسڪ، خير آباد پل وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 75 هزار 900 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 10 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 39 هزار ڪيوسڪ، جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 21 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 7 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق تربيلا جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي موجوده سطح 1528.56 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.377 ملين ايڪڙ فٽ آهي. منگلا جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1214.70 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.213 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن ته چشمه جو آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 645.50 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.157 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 15

ڪرڻ آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سلامتي ڪائونسل کي پنهنجي خطاب ۾ هن چيو ته انساني همدردي جا ادارا جنگ ۽ ڇڪتاڻ سبب لڏپلاڻ تي مجبور ماڻهن جي تحفظ، پناهگيرن جي ميزباني ڪندڙ ملڪن ۽ برادرين سان سهڪار ۽ پائيدار حل ڳولڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا، پر اصل ڪاميابي ان وقت ٿيندي جڏهن اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن ته ماڻهن کي امدادي ادارن جي ضرورت ئي نه رهي. هن چيو ته ڪاميابي جو مطلب اهو ناهي ته جنگ جي هڪ ٻئي سال ۾ ماڻهن کي زنده رکڻ جي صلاحيت بهتر ٿي وڃي يا هنگامي صورتحال ۾ قائم ڪيل پناهگير ڪيمپ 50 سال بعد به موجود هجي. ٻارن جو پنهنجن والدين کان ورثي ۾ بي دخلي حاصل ڪرڻ به ڪاميابي نٿي ٿي سگهي. هن چيو ته عالمي برادري کي جتي ممڪن هجي بي دخلي روڪڻ، جتي ٿي چڪي آهي اتي ان جو خاتمو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي محفوظ ۽ باوقار زندگي ٻيهر تعمير ڪرڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا. هن ٻڌايو ته هن وقت سڄي دنيا ۾ 11 ڪروڙ 70 لک کان وڌيڪ ماڻهو تڪرارن، تشدد، ظلم ۽ ٻين خطرن سبب پنهنجن گهرن کان لڏپلاڻ تي مجبور آهن. گڏيل قومن جي هاءِ ڪمشنر سلامتي ڪائونسل تي زور ڀريو ته هو پنهنجو سياسي اثرورسوخ استعمال ڪندي تڪرارن جي خاتمي ۽ امن عمل کي برقرار رکڻ، شهرين جي تحفظ، عالمي انساني قانونن جي پاسداري، پناهه جي حق ۽ عدم واپسي جي اصول جي تحفظ، پائيدار حل ۾ شروعاتي مرحلي کان سيڙپڪاري ۽ پناهگيرن جي ميزباني ڪندڙ ملڪن جي مدد لاءِ ڪردار ادا ڪري.

بقايا *** 16

جو اٽڪل 6 لڳي 10 منٽن تي آيو زلزلي جو مرڪز زمين ۾ 10 ڪلوميٽر جي اونهائي ۾ هو. جڏهن ته ان جي هنڌ جو تعين شروعاتي طور تي 21.06 درجا ڏکڻ عرض البلد ۽ 168.83 درجا اوڀر طول البلد تي ڪيو ويو.

بقايا *** 17

هميشه لاءِ بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي راڻا ثناءُالله چيو ته پاليسي فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪنهن کي به احتجاج لاءِ اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي پيغام ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن طاقت جو استعمال ڪيو ويو ته 9 مئي ڪانپوءِ جيڪا به سهولت ڏني وئي آهي، اها سموري ختم ڪئي ويندي.

بقايا *** 18

ٻڌائيندي چيو ته اسان مڪ معاهدي ۾ شامل ملڪن جي سربراهن جي فوج جي اجلاس جي نتيجن جي تعريف ڪريون ٿا. انهي دوران سعوديه ۾ شهري ۽ اقتصادي نڪاڻن تي حملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سعودي دفاع واري وزير چيو ته حملن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو ويو آهي. ٻنهي اڳواڻن مڪه مڪرمه ۾ سعودي عرب ۾ شهري ۽ اقتصادي نڪاڻن کي نشانو بڻائيندڙ حملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سعودي ۽ پاڪستاني قيادت مڪ دفاعي تعاون معاهدي جي تحت اهڙن حملن کي گڏيل طور تي مقابلو ڪرڻ جي لاءِ تعاون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو. ملاقات ۾ سعودي مملڪتي وزير مجلس وزرا جو ميمبر ۽ قومي سلامتي جي صلاحڪار ڊاڪٽر مساعد بن محمدالعيبان، چيف آف جنرل اسٽاف جنرل فياض بن حامدرويلي ۽ دفاع واري جي انٽيليجنس معاملن جي صلاحڪار هشام بن عبدالعزيز بن سيف سميت ٻيون اعليٰ اختياريون به موجود هيون. هوڏانهن شهزادي خالد بن سلمان سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ته ملاقات جي دوران مڪ معاهدي بابت چيفس آف اسٽاف اجلاس جي نتيجن جي تعريف ڪئي ۽ انهي حوالي سان ٿيل اڳڀرائي تي به اطمينان جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا *** 19

يو وڃي ته آبناءِ هرمز کولي سگهجي ٿو گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو ته ايران قطر ذريعي آمريڪا کي 7 ڏينهن وارو منصوبو پهچائي ڇڏيو آهي. لازمي شرط پورا ٿيڻ تي آبناءِ هرمز ٻيهر کولي سامونڊي سرگرميون بحال ڪري سگهجن ٿيون. هن چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ايراني منصوبو قبول ڪري ٿو ته آبناءِ هرمز 7 ڏينهن اندر ٻيهر کولي سگهجي ٿو. جڏهن ته 7 ڏينهن جو مدو آمريڪا طرفان منصوبو قبول ڪرڻ جي وقت کان شروع ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته ضروري قدم کنيا وڃن ته ايران 4 کان 5 ڏينهن اندر عمل مڪمل ڪري سگهي ٿو. ڇهين ڏينهن آبناءِ هرمز کُلي ويندو. جڏهن ته ستين ڏينهن آمريڪا حتمي معاهدي لاءِ ڳالهين جي ميز تي اچي ويندو. عباس عراقچي جو چوڻ هو ته ايران محفوظ ۽ پرامن سامونڊي اچ وڃ لاءِ پرعزم آهي، فوجي ڪارروائين، ڌمڪين، ناڪابندي يا معاشي دٻاءَ ذريعي سامونڊي سلامتي بحال نٿي ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته ايران دٻاءَ، ڌمڪي يا ڊيڄارڻ جي ڪوشش قبول نه ڪندو. ايران دٻاءَ هيٺ پنهنجي خودمختيار حقن تان هٿ نه کڻندو.

بقايا *** 20

وزير شرجيل انعام ميمڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊويزن جي 130 شاگرديائين ۽ ملازم عورتن کي اسڪوٽيز ڏنيون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد محترما بينظير ڀٽو جو خواب هو ته عورت کي پاڻ پرو ۽ خودمختيار بڻائڻ ڪيو وڃي، سندس ئي ويزن تحت ليڊي هيلٿ ورڪرز، فرسٽ وومين بينڪ، وومين پوليس اسٽيشنز جهڙا منصوبا آندا ويا ۽ اڳتي هلي پيپلزپارٽي طرفان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سڄي ملڪ ۾ آندو ويو هن چيو ته بسپ پروگرام سان اها ڊيٽا به گڏ ٿي آهي ته هن ملڪ ۾ ڪيترا اهڙا ڪٽنب آهن، جيڪي غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذارين ٿا. هن چيو ته عورت کي خودمختيار ۽ سگهارو بڻائڻ سان سنڌ مان ڪيترين ئي عورتون جنرل سيٽن تي اليڪشن کٽي اسيمبلين ۾ پهتيون آهن. شرجيل انعام چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پ پ پ پاران عورت کي وڌيڪ سگهارو بڻايو پيو وڃي مفت اسڪوٽيز بنا ڪنهن سفارش جي اهليت جي بنياد تي ڏنيون پيون وڃن، پوءِ اهي عورتون پ پ پ جون ووٽر هجن يا نه. هن چيو ته عورتن کي مليل اسڪوٽيز جيڪڏهن مرد هلائيندا ته انهن کي ضبط ڪيو ويندو ۽ واپس نه ڏنيون وينديون سينيئر صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته ٻهراڙين ۾ جتي اڳ ۾ عورتن جي ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هئي، هاڻ انهن عورتن جا پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس کين اجازت ڏئي رهيا آهن ته اهي موٽرسائيڪل هلائين، اهو هڪ وڏو سماجي انقلاب آهي، جنهن جا معاشري تي مثبت اثر پئجي رهيا آهن. هن چيو ته هن پروگرام جي ڪري 50 هزار عورتن لائسنس لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي. شرجيل انعام وڌيڪ چيو ته پوري ملڪ ۾ سنڌ واحد صوبو آهي، جيڪو مفت ۾ اسڪوٽيز ڏئي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته پيپلزپارٽي بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿي، صوبائي وزير چيو ته پيپلزپارٽي هارين کي هاري ڪارڊ ڏئي کين پاڻ پرو ڪيو آهي ۽ پاڪستان ۾ جيڪي بهترين اسپتالون آهن، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌ ۾ آهن. سينيئر صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته شهيد بينظير ڀٽو ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي ڏني ۽ صدر آصف زرداري صوبائي خودمختياري ڏني آهي، جڏهن ته بلاول ڀٽو پاڪستان جو ڪيس سڄي دنيا ۾ وڙهيو ۽ مودي کي للڪاريو، جنهن تي مودي بلاول ڀٽو زرداري جي سر جي قيمت رکي پر ان باوجود بلاول ڪيس سڄي دنيا ۾ للڪاريندو رهيو هن چيو ته ڀارت جو غرور پاڪ فوج ٽوڙي چڪي آهي ۽ فيلڊ مارشل جي ڪري پاڪستان جو ڳاٽ فخر سان بُلند ٿيو آهي. هن چيو ته اسان پاڪستاني هڪ آهيون. اسانکي ڪو به ورهائي نٿو سگهي، چار صوبا متحد آهن ۽ هن وقت سڄي دنيا جون نظرون پاڪستان تي آهن. تقريب ۾ صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه، صوبائي وزير مير طارق ٽالپر، ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين مير انور ٽالپر، ميئر عبدالرئوف غوري، ايم پي اي امداد پتافي، ايم پي اي علي حسن هگورو، ايم پي اي قاسم سراج سومرو، پ پ اڳواڻ پير عزت علي شاهه ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 21

ڏينهن جي جنگ بندي جي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي اخبار موجب ٽرمپ صلاحڪارن کي ٻڌايو ته ايران تي بمباري نومبر جي وچ واري مدي ڪانپوءِ ٻيهر ٿي سگهي ٿي. آمريڪي اخبار جو چوڻ آهي ته صدر ٽرمپ کي يقين نه آهي ته تهران سندس مطالبا قبول ڪندو.

بقايا *** 22

ڇڏيو آهي، جنهن ۾ آمريڪا، جاپان ۽ روس جا خلاباز شامل آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق مشن کي 2027 ع جي بهار کان اڳ عالمي خلائي اسٽيشن (آءِ ايس ايس) لاءِ روانو ڪرڻ جو امڪان ناهي. ناسا مطابق آمريڪي خلاباز ڪايلابارون ۽ ڪرس برچ ترتيبوار خلائي جهاز جي ڪمانڊ ۽ پائيلٽ جون ذميواريون انجام ڏيندو جڏهن ته جاپان ايرواسپيس ايڪسپلوريشن ايجنسي جو خلاباز ماڪوٽوسوا ۽ روس ڪوسموس جو خلاباز آروتين ڪيبريان مشن اسپيشلسٽ هوندا. اهو مشن ناسا جي لو ارٿ آربٽ پروگرام تحت اسپيس ايڪس سان 14 هون ڪمرشل ڪريو گردش هوندو عملو سائنسي تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي جا مختلف تجربا ڪندو، جن جو مقصد چنڊ ۽ مريخ تي مستقبل ۾ انساني مشنز جي سهڪار سان زمين تي انسانن لاءِ فائديمند تحقيق کي هٿي ڏيڻ آهي.

بقايا *** 23

انصاف کي چيلينج ڪندي چيو ته همت آهي ته اچو، ڪريو لانگ مارچ، دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪرڻ پي ٽي آءِ جي پاليسي جو حصو آهي. خيبرپختونخواهه حڪومت افغان طالبان ۽ ٽي ٽي پي جي سهولتڪاري ڪندي آهي. هن وڌيڪ چيو ته تحريڪ انصاف ٽي ٽي پي جي بي ٽيم ۽ ٽي ٽي اي جي سي ٽيم آهي، سهيل آفريدي وزيراعليٰ گهٽ، پابندي مڙهيل پارٽي جو ڪمانڊر وڌيڪ لڳي ٿو غيرقانوني مائننگ سان دهشتگردن کي فنڊنگ ڪئي ويندي آهي. ان باوجود هي پاڻ کي سياسي ماڻهو چوندا آهن ڇا هي سياسي ماڻهو آهن؟

بقايا *** 24

وڌندڙ غلط استعمال بابت دنيا کي خبردار ڪندي سخت قدمن جو مطالبو ڪيو آهي. اي آءِ بابت ڳالهائيندي بل گيٽس چيو ته جيڪڏهن مصنوعي ذهانت غلط هٿن ۾ هلي وئي ته اها اربين زندگين لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه ماڻهو اي آءِ کي اهڙو هٿيار بڻائي سگهن ٿا، جيڪو اڳ ڪڏهن ڏسڻ ۾ ناهي آيو. تنهن ڪري حڪومتن کي هن ٽيڪنالاجي جي سخت نگراني ڪرڻ سان گڏ سخت قانون به ٺاهڻ گهرجن.

بقايا *** 25

بلوچستان ۾ هندستان جي سرپرستي هيٺ سرگرم فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان خلاف سيڪيورٽي فورسز پاران جامع انسداد دهشتگردي آپريشن جاري آهن. آءِ ايس پي آر چيو ته 25 سيپٽمبر تي نوشڪي ضلعي ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل هڪ ٻيو آپريشن ڪيو ويو، جنهن ۾ دهشتگردن جي هڪ ٺڪاڻي کي اثرائتي طور تي نشانو بڻايو ويو آءِ ايس پي آر موجب، سخت فائرنگ جي تبادلي ڪانپوءِ 11 دهشتگرد مارجي ويا ان کان اڳ، 24 سيپٽمبر تي، آپريشن شعبان جي تسلسل ۾، سيڪيورٽي فورسز وڌيڪ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي ڳولي لڌو ۽ تباهه ڪيو. سخت فائرنگ جي تبادلي ۾ پنج خوارج مارجي ويا، جنهن سان شعبان ۾ مارجي ويل خوارج جو ڪل تعداد 22 ٿي ويو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته سيپٽمبر 2026 کان وٺي هن وقت تائين هندستان جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ 33 دهشتگرد مارجي ويا آهن. دهشتگردن جي ٺڪاڻن مان هٿيار، گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ حمايت يافته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران مسلسل دهشتگردي خلاف مهم پوري رفتار سان جاري رهندي.

بقايا *** 26

ر مڪمل صحتمند آهي ۽ سندس زخم به ٺيڪ ٿي چڪا آهن. هڪ آمريڪي نشرياتي اداري کي انٽرويو ڏيندي مسعود پزشڪيان چيو ته سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي جي صحت جو ڪو خاص مسئلو ناهي ۽ هو طبي طور مڪمل صحتمند آهن. مسعود پزشڪيان جو چوڻ هو ته سندس مجتبيٰ خامنه اي سان 2 ڀيرا ملاقات ٿي آهي، جن مان هڪ ملاقات 7 ڪلاڪن کان وڌيڪ جاري رهي، مجتبيٰ خامنه اي جي چهري ۽ ڄنگهن تي آيل زخم به ٺيڪ ٿي چڪا آهن. آبناءِ هرمز کولڻ بابت سوال تي مسعود پزشڪيان چيو ته ايراني تجويز قبول ٿيڻ جي صورت ۾ ايران آبناءِ هرمز کولڻ ۽ ڳالهيون ٻيهر شروع ڪرڻ بابت ڪيل واعدن تي عمل ڪندو آمريڪا جيڪڏهن آبناءِ هرمز ٻيهر کولڻ بابت ايراني تجويز قبول ڪري ٿو ته ساڳئي ڏينهن ڳالهيون شروع ٿي وينديون. هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ بي اعتمادي جي فضا قائم آهي، آمريڪي صدر سان سڌي ملاقات ڪرڻ ڏکيو هوندو آمريڪا روزانو ايران تي پابنديون مڙهي رهيو آهي، ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ۽ حملا ڪري رهيو آهي. جڏهن ته آمريڪا ماضيءَ ۾ ڪيل لکت وارن واعدن تان به ڦري ويو آهي، تنهنڪري اهو سوال موجود آهي ته ڳالهين ڪانپوءِ آمريڪا پنهنجي واعدن تي عمل ڪندو يا نه. مسعود پزشڪيان جو چوڻ هو ته ايران گڏيل قومن جي جوهري معائنو ڪندڙن کي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار آهي، جڏهن ته جوهري معائنن بابت ڳالهين دوران مخصوص معاهدو ۽ سمجهوتو ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته ايران جوهري ايٽمي ٺاهڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيو آهي، جوهري هٿيار تيار ڪرڻ حرام آهي. جيڪڏهن ايران ۾ ڪجهه ماڻهو جوهري هٿيار ٺاهڻ چاهين به ته مذهبي نقطه نظر کان کين ان جي اجازت ناهي.

بقايا *** 27

پڇاڙي واري تقريب تيونس جي گادي واري شهر ۾ منعقد ٿي. ميڊيا رپورٽن موجب ريڊيو جي شعبي ۾ پهريون انعام راندين جي پروگرام رحل تحدي جي عنوان سان ٿيل پروگرام کي ڏنو ويو تقريب دوران ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مختلف شعبن ۾ بهترين پروگرامن کي پڻ انعام ڏنا ويا جڏهن ته ميڊيا نمائندن کي پڻ ايوارڊ ڏنا ويا.

بقايا *** 28

موتن ۽ نقصان جي بنياد تي پاڪستان کي گلوبل ٽيررازم انڊيڪس ۾ پهرين نمبر تي رکيو آهي. 2026 ع جي عالمي امن واري انڊيڪس (GPI) ۾ پاڪستان جي صورتحال 5.5 سيڪڙو خراب ٿي وئي، جنهن سان پاڪستان عالمي سطح تي 152هين نمبر تي اچي ويو. صورتحال خراب ٿيڻ جو بنيادي سبب "جاري تڪرار" واري شعبي ۾ وڏي خرابي هئي، جنهن ۾ 17 سيڪڙو اضافو ٿيو اندروني تڪرار سبب ٿيندڙ موتن واري اشاري ۾ 11.4 سيڪڙو، اندروني تڪرارن ۾ وڙهڻ واري اشاري ۾ 10.5 سيڪڙو، پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن واري اشاري ۾ 33.3 سيڪڙو، جڏهن ته ٻاهرين تڪرار سبب ٿيندڙ موتن واري اشاري ۾ 86.9 سيڪڙو خرابي رڪارڊ ڪئي وئي. 2026 ع جي عالمي دهشتگردي واري انڊيڪس ۾ پاڪستان پهرين نمبر تي رهيو، جڏهن ته 2025 ع دوران دهشتگردي سان لاڳاپيل واقعن ۾ مارجي ويلن جو انگ 1,139 تائين پهچي ويو بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا گڏجي دهشتگردي جي حملن جو 74 سيڪڙو کان وڌيڪ سبب بڻيا. افغانستان سان سرحدي ڇڪتاڻ ۾ پڻ نمايان اضافو ٿيو جنهن جو سبب سرحدي علائقي ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جي سرگرمين کي قرار ڏنو ويو آهي. جيئوپوليٽيڪل عالمي امن انڊيڪس ۾ افغانستان جو 157 هون نمبر آهي پر ان جي باوجود به عالمي دهشتگردي واري انڊيڪس ۾ پاڪستان کي ٽاپ تي رکيو ويو آهي. ڀارت کي هن عالمي لسٽ ۾ 127 هين نمبر تي ڏيکاريو ويو آهي. رپورٽ موجب 2026 ع جي عالمي امن واري انڊيڪس (GPI) ۾ ڀارت جي صورتحال 2.9 سيڪڙو خراب ٿي آهي. صورتحال خراب ٿيڻ جو بنيادي سبب "جاري تڪرار" واري شعبي ۾ واڌ هئي، جنهن ۾ 9.2 سيڪڙو اضافو ٿيو اندروني تڪرار سبب ٿيندڙ موتن واري اشاري ۾ 5 سيڪڙو، جڏهن ته پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن واري اشاري ۾ 33 سيڪڙو خرابي رڪارڊ ڪئي وئي. ان جو سبب پاڪستان ۽ ميانمار ٻنهي سان وڌندڙ ڇڪتاڻ هئي. ڀارت جي اتر اوڀر واري رياست مني پور ۾ جاري نسلي تڪرار 2025 ع دوران پڻ جاري رهيو مئي 2023 ع ۾ تشدد شروع ٿيڻ کان وٺي 260 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ 60 هزار ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن. هي تڪرار ميتي اڪثريت ۽ ڪوڪي_زو برادري وچ ۾ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ فيبروري 2025 ع ۾ مني پور جي وڏي وزير استعيفيٰ ڏني ۽ اتي صدارتي راڄ لاڳو ڪيو ويو ميانمار جي سرحد تي عدم استحڪام سبب صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ علائقي اندر هٿيارن ۽ منشيات جي آمد ۾ آساني پيدا ٿي. هن رپورٽ ۾ 163 ملڪن جو جائزو ورتو ويو آهي، هن لسٽ موجب دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پرامن ملڪن جي ٽاپ فائيو ۾ ترتيبوار آئيس لينڊ، نيوزيلينڊ، سوئٽزرلينڊ، سلوينيا ۽ آئرلينڊ کي رکيو ويو آهي. پاڪستان کان برما، صوماليا ۽ افغانستان کان به بدتر قرار ڏنو ويو آهي رپورٽ موجب دنيا ۾ 20 کان وڌيڪ اهڙا ملڪ آهن جن ۾ هڪ هزار يا ان کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. رپورٽ موجب 2008 جي ڀيٽ ۾ دنيا جي 103 ملڪن ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي آهي، 62 ملڪن ۾ حالتون بهتر ۽ 99 ملڪن ۾ وڌيڪ خراب ٿيون آهن. 2025 جي انگن اکرن موجب دنيا ۾ هڪ لک 81 هزار کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. جن ۾ يوڪرين ۽ سوڊان جي جهيڙن ۾ وڌيڪ مارجي ويا. رپورٽ موجب دنيا جي پنج ملڪن ۾ امن امان بهتر ٿيو انهن ۾ پولينڊ، گبون، ليسٿو، ترڪيه ۽ يوڪرين شامل آهن. جڏهن ته اڳي جي ڀيٽ ۾ جن ملڪن ۾ امن امان جي حالت خراب ٿي تن ۾ نيپال، چاڊ، پاڪستان، ڪانگو ۽ تنزانيا شامل آهن. مختلف ملڪن ۾ جهيڙن جهڳڙن سبب 11 ڪروڙ 90 لک ماڻهن لڏ پلاڻ ڪئي، اهو انگ 2024 ۾ 11 ڪروڙ 70 لک هو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته عرب ملڪن مان 88 ارب ڊالر پرڏيهي ناڻي جي صورت ۾ ورڪرز پنهنجي ملڪن ڏانهن موڪليا، جن ۾ 41.5 ارب ڊالر مصر کي مليا، ڀارت، پاڪستان ۽ اردن وڏا فائدو حاصل ڪندڙ ملڪ رڪارڊ ڪيا ويا. رپورٽ موجب دنيا جي فوجي خرچن "5.8 سيڪڙو اڌ رڪارڊ ٿي، دنيا ۾ اڄ به فوج تي وڌيڪ خرچ ڪندڙ ملڪن ۾ ترتيبوار آمريڪا، چين، روس، ڀارت ۽ اتر ڪوريا ٽاپ فائيو ۾ شامل آهن. رپورٽ موجب دنيا ۾ دهشتگردي سبب معيشت تي 21.8 ٽريلين جو نقصان ٿيو جيڪو 2024 جي ڀيٽ ۾ 3.2 سيڪڙو وڌيڪ آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا وٽ اڳ ۾ گلوبل فارين ايڪسچينج جي ذخيرن جو 72 سيڪڙو هو جيڪو 2025 ۾ 60 سيڪڙو کان به گهٽ ٿي ويو آهي، جنهن جو مک سبب 'برڪس ملڪن پاران مقامي ڪرنسين ۾ تجارت جا معاهدا آهن. رپورٽ موجب آمريڪا ۾ پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري جيڪا 2024 ۾ 292 ارب ڊالر هئي اها 2025 ۾ گهٽجي 288 ارب ڊالر ٿي وئي آهي. پر ان جي باوجود آمريڪا دنيا جي وڏي ۾ وڏي معيشت آهي ۽ دنا ۾ سفارتي اثر رسوخ به ٻين ملڪن کان وڌيڪ آهي. رپورٽ ۾ عالمي جي ڊي پي ۾ چين جو حصو جيڪو 2021 ۾ 18.5 سيڪڙو هو اهو گهٽجي 16.5 سيڪڙو ٿيو آهي ۽ چين ۾ سڌي پرڏيهي سيڙپ جيڪا 2021 ۾ 344 ارب ڊالر هئي اها 9.5 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي. 'تفصيلي رپورٽ پڙهڻ لاءِ هن لنڪ تي ڪلڪ ڪريو.

بقايا *** 29

ي ورهاڱي خلاف قوم گڏ ٿي چڪي آهي. هر سنڌي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته نوان صوبا ۽ انتظامي يونٽ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت طرفان سنڌ جي ورهاڱي ۽ انتظامي يونٽ وارو اعلان واپس وٺڻ تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 30

. لاور وحدت روڊ تي جلسي کي خطاب ۾ هن چيو ته حڪومت جلسي جا رستا بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اسان کي جلسي جا انتظام نه ڪرڻ ڏنا ويا. ڪارڪنن حڪومت جا سمورا انتظام ختم ڪري جلسو ڪيو. مارچ کي اسان صرف روڪيو آهي ختم نه ڪيو آهي، حڪومت پنهنجي هٿڪنڊن کان باز اچي وڃي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته پيپلزپارٽي ۽ (ن) ليگ جهڙيون پارٽيون بڻائيون ٿي چڪيون آهن اهي صرف فارم 47 جي سهاري تي آهن. اهي عوام جي سامهون لڙهي ويندا. اسان پنهنجي سموري ايجنڊا نڪتا سامهون ناهن رکيا. اڄ صرف اسان ليوي ڀاڻي جي خاتمي جي ڳالهه ڪئي آهي. هاڻ جنهن کي به پاڪستان ۾ سياست ڪرڻي پوندي. هاڻ جيڪو به عوام سان گڏ بيٺل نه هوندو اهو سياست نه ڪندو هن چيو ته هي اڄوڪا حڪمران پنهنجون عياشيون ۽ جهاز نٿا ڇڏي سگهن. انهن جو هڪ هڪ پرڏيهي ملڪن جو دورو عوام کي ڪروڙن ۾ پوندو آهي. هي جيڪي لينڊ مافيا، پيٽرول مافيا ۽ بيا مافيا اسان جي مٿان مڙهيا ويا آهن اهي هاڻ نه بچندا. حافظ نعيم چيو ته جڏهن جماعت اسلامي عوام جي حق لاءِ نڪتي آهي ته حڪومت ته هڪ طرف اپوزيشن پارٽيون به انهي جي خلاف ڳالهيون ڪري رهيون آهن. اپوزيشن پارٽين کان سوال آهي ته جڏهن عوام تي ٽيڪس ته پتو لڳايو پئي ويو اوهان انهي وقت ڪٿي هئو؟ عوام کي ڦرڻ جي لاءِ آئي پي پيز لڳايا ويا، ڪيترين ئي آئي پي پيز پرڏيهي ملڪن ۾ پنهنجون رجسٽريشنون ڪرايون ته جيئن انهن تي ملڪي قانون لاڳو نه ٿئي. جڏهن آئي پي پيز ٺاهي وئي ته انهي وقت ڪڏهن پيپلز پارٽي ته ڪڏهن(ن) ليگ جي حڪومت هئي. آئي پي پيز بجلي ٺاهيندي آهي تڏهن به انهن کي ادائيگيون ٿينديون رهيون آهن. بجلي تي مختلف ٽيڪسز لڳائي عوام کي ڦريو پيو وڃي. حافظ نعيم وڌيڪ چيو ته مان هنن وزيرن کي به چوڻ چاهيان ٿو ته چاپلوسي جي لاءِ اهو نه چئو ته اسان مارچ روڪي ڇڏيو. اسان کي نمبر وڌائڻ جي ضرورت نه آهي، اوهان ليوي ختم ڪري ڪريڊٽ وٺي ڇڏيو ايران ۾ وڏي وقت کان پابندين جي باوجود اتي 30 سالن کان انڊر گرائونڊ ٽرين هلي رهي آهي، هتي ماس ٽرانزٽ ڇو نه آهي؟ اوهان کي صرف اهو گهرجي ته نوازشريف جو نالو يا مريم جي تصوير لڳي وڃي مريم نواز پنجاب جي بهترين تعليمي نظام کي تباهه ڪري ڇڏيو، اسڪول وڪرو ڪري ڇڏيا. بهترين اسپتالن کي مريم نواز هيلٿ ڪلينڪ ٺاهي تباهه ڪيو ويو هارين کي ڀاڻ بليڪ ۾ ملي رهيو آهي. مريم نواز اوهان زراعت کي به تباهه ڪري ڇڏيو مريم نواز اوهان ٻارنهن ارب روپين جي جهازجو جواب ڏيو جنهن کي اوهان ذاتي دورن جي لاءِ استعمال ڪنديون آهيو.

بقايا *** 31

ن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته جوابدارن وٽان هٿيار، ڦريل سامان ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. پوليس موجب سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس فقيره گوٺ ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سندس ساٿي رات جي اونداهيءَ جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو. جنهن جي ڳولا جاري آهي. ٻئي طرف پيرآباد پوليس قصبو ڪالوني ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي، جتي پوليس پارٽيءَ کي ڏسندي ئي جوابدار فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار زخمي ٿي پيو. جنهن کي گرفتار ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار ٻن ڏينهن اڳ 30 ورهين جي محمد شاهه جي قتل ۾ ملوث آهي. هوڏانهن منگهوپير پوليس اجتماع گاهه روڊ پرسان ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار، ڦريل سامان ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 32

صدف بگهيو مارجي وئي. پوليس موجب هٿياربند فائرنگ ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا، جڏهن ته واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي نينگريءَ جو لاش ڪڍائي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو رشتي جي تڪرار تان پيش آيو آهي. جوابدارن جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي، جن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا *** 33

ي جي موقعي تي پارلياماني وفد جي اڳواڻي ڪندي منسڪ سائنٽيفڪ اينڊ پريڪٽيڪل سينٽر فار سرجري ، ٽرانسپلانٽالاجي، اينڊ هيماٽالاجي ۽ ثقافتي ورثي، بيلا روسي اسٽيٽ ميوزيم آف هسٽري آف گريٽ پيٽرياٽڪ وار جو دورو ڪيو. سينيٽ سيڪريٽري موجب طبي مرڪز جي دوري دوران، ڪائونسل آف دي ريپبلڪ جي چيئر پرسن نتاليه ڪوچانووا، سينيٽ چيئرمين ۽ پاڪستاني وفد کي عضون جي پيوندڪاري، روبوٽ جي مدد سان سرجري، اي آءِ تي ٻڌل چڪاس ۽ ڪار_ٽي ٿراپي ۾ بيلا روس جي جديد صلاحيتن جي باري ۾ بريفنگ ڏني وئي. وفد مرڪز جي هائبرڊ آپريٽنگ ڪامپليڪس ۾ مربوط سي ٽي ۽ انجيوگرافڪ ٽيڪنالاجيز سان ليس هڪ لائيو طريقيڪار جو مشاهدو پڻ ڪيو سينيٽ چيئرمين خاص صحت جي سار سنڀال ۾ بيلا روس جي اڳڀرائي کي ساراهيو ۽ اپرنڊ طبي ٽيڪنالاجيز ۾ اداره جاتي رابطن، پيشيوراڻي ۽ علمي، مهارت جي متاسٽ ۽ تعاون جي امڪانن تي زور ڀريو. بيلا روسي رياستي ميوزيم آف دي هسٽري آف دي گريٽ پيٽرياٽڪ وار ۾ پارلياماني وفد جنگ جي بي پناهه انساني قيمت، بيلا روسي عوام جي مزاحمت ۽ بيلا روس جي آزادي دوران انهن جي قربانين جي دستاويزي نمائش پڻ ڏٺي. سينيٽ چيئرمين بيلا روس جي عوام جي همت ۽ لچڪ کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ بيلاروس جي تاريخي يادن ۽ ورثي کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش کي ساراهيو سينيٽ چيئرمين ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پارلياماني رابطن، عوام جي عوام سان رابطن، علم جي متاسٽا ۽ جديد شعبن ۾ تعاون پاڪستان ۽ بيلاروس جي لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪري سگهي ٿو جنهن سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ پراڻي دوستي کي وڌيڪ مضبوط ۽ گڏيل مفاهمت ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا *** 34

يهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه روس جي صدر ولاديمير پيوتن پريس بريفنگ دوران چئي. هن چيو ته يوڪرين کي سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به چڙ ڏياريندڙ قدم يا ڇڪتاڻ ۾ اضافي سان هو پنهنجا مقصد حاصل نٿو ڪري سگهي. اهڙن قدمن سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ويندي. هن جو چوڻ هو ته روس پاران فوجي ردعمل بعد ڪيس توانائي جي نڪاڻن تي حملن ۽ فضائي حملن سميت مختلف شعبن ۾ جنگ جو ڪوششون ڪيون. هن چيو ته روس يوڪرين جي انهن قدمن جي جواب ۾ ڪارروائيون شروع ڪيون آهن جن ۾ مبينا طور سامونڊي گهيراءَ جي ڪوشش، ذخيره گاهن ۽ شهري بنيادي ڍانچي تي حملا شامل آهن. پيوتن مطابق روسي جائزن تحت يوڪرين اسود سمنڊ ۾ 100 کان وڌيڪ سامونڊي جهازن کي نقصان پهچايو آهي.

بقايا *** 35

تلف شهرن ۾ اڃان تائين تحويل ۾ آهن هن چيو ته لاهور مان وڌيڪ تقريبن 200 گاڏيون پڪڙي اسلام آباد منتقل ڪيون ويون آهن ۽ انهن جا ڪنٽينر به لاٿا پيا وڃن. جڏهن ته مختلف شهرن ۾ پڪڙيل گاڏين جو گڏيل انگ 2500 کان وڌي چڪو آهي. محمد اويس چوڌري ايڊووڪيٽ موجب ٻن هفتن کان وڌيڪ وقت کان حڪومت کان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته لوڊ گاڏيون فوري طور تي رليز ڪيون وڃن ۽ خالي گاڏين جي مالڪن کي مناسب معاوضو ڏنو وڃي، هن چيو ته وزيرن طرفان معاوضي جي ادائيگين جي دعوائن کي نظر ۾ رکندي 2013 کان هيئر تائين ادا ڪيل رقم جو شفاف آڊٽ ۽ جاچ ڪرائي وڃي، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته معاوضو ڪنهن ايسوسيئيشن، ڪنٽريڪٽر يا ٽرڊ پارٽي جي بجاءِ سڌو سنئون انهن گاڏين جي مالڪن کي ادا ڪيو وڃي جن جون گاڏيون تحويل ۾ ورتيون ويون آهن صدر ايسوسيئيشن موجب گاڏين جي پڪڙ سبب سپلائي چين متاثر ٿي رهي آهي، جنهن سبب ٽرانسپورٽرز کي شديد مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي، حڪومت فوري طور تي انهي معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ ٽرانسپورٽرز جي لاءِ آسانيون پيدا ڪري. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت ٽرانسپورٽرز جي نقصان جوازالو ڪري ۽ انهن کي ڪنهن به سخت قدم کڻڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 01

يس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ جي صوبائي نائب صدر محمد قاسم ڪوسو، ضلعي صدر الهڏنو چنا، ڊاڪٽر نجيب الله سومرو، جاويد اختر سومرو، قمرالدين سولنگي، مختيار ڪوسو ۽ ٻين دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڊي ايڇ او دادو جي ڪال سينٽر DDO 0091_ کي سال 2023ع ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي DDO_ 0084سان ضم ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ ڪال سينٽر جون پوسٽون ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيون ويون، پر ان عمل سبب ملازمن کي انتظامي معاملن ۽ پگهارن جي حوالي سان سخت مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، هنن چيو ته سنڌ حڪومت پاران ملازمن جي پگهارن ۾ ڪيل 7 سيڪڙو واڌ گذريل ٽن مهينن کان ڪين ادا نه ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ضلعي جي مختلف آر ايڇ سين بي ايڇ يوز ۽ ڊسپينسريز ۾ جاري پوليو مهم دوران ملازمن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج پڻ رڪارڊ ڪرايا پر اڃا تائين سندن مسئلا حل نه ڪيا ويا آهن، ملازمن جو چوڻ هو ته ڪيترائي ملازم رٽائرمينٽ جي ويجهو پهچي چڪا آهن، پر ڪين انتظامي ۽ مالي معاملن ۾ مسلسل پريشان ڪيو پيو وڃي، هنن الزام لڳايو ته ٽريزري اختيارين طرفان پگهارون بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪيو پيو وڃي ۽ چيو وڃي ٿو ته جنهن ڪوڊ 91 تان ملازم پگهارون کڻندا هئا، اهو ڪوڊ 84 ۾ ضم ٿي چڪو آهي، جڏهن ته DDO_0091مان ملازمن جون پوسٽون ۽ بجيٽ به ختم ڪئي وئي آهي، جيڪو ملازمن سان ناانصافي آهي، ايسوسيئيشن اڳواڻن صوبائي وزير صحت، سيڪريٽري صحت ۽ ڊي جي هيلٿ کان مطالبو ڪيو ته 185 ملازمن جون پوسٽون ۽ بجيٽ بحال ڪري 7 سيڪڙو واڌ ۽ پگهار جا رهيل ٽي مهينن جون پگهارون فوري طور جاري ڪيون وڃن ۽ ملازمن جا انتظامي مسئلا حل ڪيا وڃن. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ايندڙ پوليو مهم ۽ ٻين ورٽيڪل پروگرامن ۾ ڊيوٽين جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويندو، جڏهن ته دادو ضلعي جي چئن تعلقن دادو، جوهي، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ جي مختلف اسپتالن جا ملازم ڪم ڇڏ هڙتال ڪري روڊن تي احتجاج جو سلسلو شروع ڪندا.

بقايا عوامي سوچ 02

ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال آهي ۽ سالن کان استاد ئي نٿو اچي، جنهن سبب اسان جا ٻارڙا تعليم کان محروم بڻيل آهن , روڊ رستن جي سهولتن کان محروم هجڻ سبب بيمار مريض کي کٽ تي کڻي اسپتال وٺي وڃڻو پوي ٿو. هنن چيو ته اهڙيون شڪايتون چونڊيل نمائندن کي پڻ ڪيون آهن مگر ڪوبه تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي ,ڳوٺاڻن ڊي سي دادو، ايم اين اي، ايم پي اي ۽ تعليم ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ڳوٺ لشڪر خان پرڳڙي جا بنيادي مسئلا حل ڪري پريشاني کان نجات ڏياري وڃي.

بقايا عوامي سوچ 03

ڪلب جنگشاهي جي صدر پير غلام حسين شاهه، جنرل سيڪريٽري جهانذيب بلوچ، سينيئر نائب صدر نعيم الحق جوکيو، نوجوان صحافي مظهر جوکيو ۽ سماجي اڳواڻ وڪيل احمد جوکيو تي مشتمل وفد ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي پهتو، جتي وفد پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي صَدر علي اڪبر دلواڻي کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ اوڍائي ۽ گلابن جي مالا پارائي ڀليڪار ڪيو ويو. ان موقعي تي سجاڳ پريس ڪلب جنگشاهي جي صدر پير غلام حسين شاهه ۽ ٻين چيو ته ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو مظلوم عوام جو آواز بڻجي بنا ڪنهن خوف ۽ لالچ جي پنهنجو صحافتي ڪردار بهادري سان نڀائي رهيو آهي، جيڪو ساراهه جوڳو عمل آهي. ان موقعي تي ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽي جي صدر علي اڪبر دلواڻي جنگشاهي پريس ڪلب جي قلم ڌڻين پاران ڏنل محبت، عزت ۽ مانُ مڃتا تي سندن شڪريو ادا ڪيو ۽ صحافتي برادري وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 04

و ته پير محمودائي روڊ تي ڳوٺ صابو گبول پرسان 3 جوابدارن کانئن موٽر سائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. اطلاع موجب مزاحمت دوران جوابدارن پسٽل سان فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ عبدالخالق ڪوسو زخمي ٿي پيو. اطلاع ملندي ئي ايس ايڇ او ٽاٽوميرپورساڪرو انسپيڪٽر گلزار علي تنيو پوليس عملي سميت فوري طور واقعي واري هنڌ پهتو، جاءِ جو معائنو ڪيو ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪئي. ابتدائي جاچ دوران پوليس کي معلوم ٿيو ته موٽر سائيڪل ڦرڻ يا فائرنگ جو اهڙو ڪو به واقعو پيش نه آيو هو. پوليس موجب عبدالخالق ڪوسو پنهنجي ساٿي راجا واريي جي گهر موٽر سائيڪل تي ويو هو، جتان ٻئي موٽر سائيڪل تي چڪر لڳائڻ لاءِ نڪتا. ان دوران عبدالخالق ڪوسي جي شلوار ۾ موجود پسٽل اوچتو فائر ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هو زخمي ٿي پيو. پوليس موجب زخمي شخص ۽ سندس ساٿي پوليس جي ڪارروائي کان بچڻ لاءِ واقعي بابت غلط بياني ڪندي موٽر سائيڪل ڦرڻ ۽ فائرنگ جو ڊرامو رچايو. ساڪرو پوليس زخمي عبدالخالق ڪوسي کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو، جتان ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي. واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي، جڏهن ته سمورن رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

ڪوٽ جي بس اسٽاپ چوڪ تائين لڳ ڀڳ پنج ڪلوميٽر پنڌ مارچ ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو، جتي هنن منڙائو ڪينال مان پاڻي کڻندڙ مختلف منصوبن بابت پنهنجي سخت تحفظات جو اظهار ڪيوان موقعي تي آبادگار اڳواڻ زاهد نون، ارباب خان، ارباب ظفرالله، محمد يوسف راجپوت ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته منڙائو ڪينال مان پٿورو واٽر سپلاءِ پائيپ لائين کان علاوه سامارو، ٻودر فارم، نبي سر روڊ ۽ راهه مور لاءِ پڻ وڌيڪ پاڻي جون اسڪيمون تجويز ڪيون پيون وڃن، جن سبب نارا ڪينال جي تيل وارن علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ وڌڻ جو خدشو آهي آبادگار اڳواڻن جو چوڻ هو ته پائيپ لائين جي نالي ۾ پاڻي جي منتقلي لاءِ شاخون ڪڍڻ سان تيل وارن آبادگارن جي حصي جو پاڻي متاثر ٿي سگهي ٿو. هنن چيو ته پٿورو جي ڊنين کي اڳ ئي کهائي شاخ ذريعي پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، تنهن هوندي به منڙائو ڪينال مان وڌيڪ پاڻي کڻڻ لاءِ نوان منصوبا جوڙڻ سان ڪينال جي پڇڙي وارن علائقن ۾ پاڻي جي ورڇ بابت مسئلا وڌي سگهن ٿا مظاهرين موجب لاڳاپيل منصوبو رگهو واٽر سپلاءِ تائين محدود ناهي، پر ٻي سي ون ۾ زمينون آباد ڪرڻ، هارين ۽ صنعتن لاءِ پاڻي جي فراهمي جو پڻ ذڪر موجود آهي. آبادگارن جو خدشو آهي ته جيڪڏهن منصوبي جو دائرو وڌيو ته مستقبل ۾ پاڻي جي گهرج پڻ وڌي سگهي ٿي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته انهن منصوبن جي نتيجي ۾ سامارو، ڪنري، نبي سر، ٽالهي، جُهڏو، نئون ڪوٽ، ڪلوئي، مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ ڇاڇرو سميت ٿرپارڪر ۽ ٻرياسي جي مختلف علائقن جي زرعي سرگرمين ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي تي اثر پوڻ جو خدشو آهي، جنهن سان وڏي آبادي متاثر ٿي سگهي ٿي آبادگار اڳواڻن وڌيڪ چيو ته منڙائو ڪينال مان وڌيڪ پاڻي کڻندڙ اسڪيمون ڪينال جي موجوده پاڻي ورڇ واري نظام تي اضافي دٻاءُ وجهي سگهن ٿيون. هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته رن شاخ، ڊپلو مائنر، اڪوتا، فضل، شير، راهه مور ۽ سانوري شاخن سميت نبي سر مائنر جي تيل وارن علائقن ۾ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ موجود آهي، تنهن ڪري وڌيڪ پاڻي منتقل ڪرڻ واريون اسڪيمون تيل جي آبادگارن لاءِ نوان مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون مظاهرين مطالبو ڪيو ته پٿورو واٽر سپلاءِ پائيپ لائين منصوبي سميت منڙائو ڪينال مان پاڻي کڻندڙ ٻين منصوبن تي پڻ نظرثاني ڪئي وڃي ۽ تيل وارن آبادگارن جي پاڻي جي حقن کي نظر ۾ رکندي مستقبل جا منصوبا جوڙيا وڃن. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته پاڻي جي ورڇ ۾ پڇڙي وارن علائقن کي مناسب حصو فراهم ڪرڻ سان گڏ زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي جي ضرورتن کي اوليت ڏني وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

آهي ته علائقي ۾ مبينا طور منشيات جو ڪاروبار جاري آهي، جنهن سبب ٻارن ۽ نوجوانن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن ۽ علائقي ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي. رهواسين عزيز ميمڻ بابت شڪايتون ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته متس لڳايل الزامن جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. رهواسين جو چوڻ آهي ته مبينا طور عزيز ميمڻ طرفان ڌمڪي آميز لفظ پڻ استعمال ڪيا ويا، جنهن تي هنن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. رهواسين ايس ايس پي ٺٽو کان اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي منشيات جي مبينا ڪاروبار ۽ لاڳاپيل الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جڏهن ته قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

مري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن پاران دلي مبارڪباد پيش ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي سرپرستِ اعليٰ نظير احمد قريشي، صدر علي اڪبر دلواڻي، سينيئر نائب صدر انيس احمد هيلايو، جنرل سيڪريٽري نثار احمد گندرو، نائب صدر نواب شفيق احمد ميمڻ، ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن حميد چنڊ ۽ شهريار صديقي سيف علي خشڪ سان ملاقات ڪري ڪيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پارايا. ان موقعي تي پريس ڪلب جي عهديدارن سيف علي خشڪ لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله پاڪ سندس عمرو شريف قبول فرمائي، عبادتن ۽ دعائن کي پنهنجي بارگاهه ۾ شرفِ قبوليت عطا ڪري ۽ کيس صحت، سلامتي، خوشحالي ۽ برڪتن سان نوازيندي بار بار حرمين شريفين جي حاضري نصيب فرمائي. سيف علي خشڪ پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي عهدَيدارن ۽ ساٿين پاران محبت، خلوص ۽ نيڪ خواهشن تي سندن شڪريو ادا ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 08

جي اهميت، افاديت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن جي واڌاري بابت پنهنجا ويچار ونديا. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر فتح محمد مري، وائيس چانسلر ڄامشورو، ڊاڪٽر سيد سردار شاهه، ڊڪشنري جي ليکڪ ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو، ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيو، سيد شهزاد شاهه ۽ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري تي پنهنجا خيال پيش ڪيا. مقررن پنهنجي خطابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، قانوني علم جي واڌاري ۽ قانوني اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هنن چيو ته اهڙي قسم جون ڊڪشنريون سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني ذخيري ۾ اهم اضافو ثابت ٿي سگهن ٿيون ۽ شاگردن، وڪيلن، محققن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿينديون. تقريب دوران سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي تياري ۽ ان جي افاديت کي ساراهيندي، سنڌي ٻوليءَ کي جديد علم، قانون ۽ تحقيق جي شعبن سان ڳنڍڻ جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي. مقررن ڊڪشنري جي تياري ۾ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اهڙن علمي منصوبن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورت کي سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني سفر ۾ هڪ اهم قدم قرار ڏيندي، ان جي وڌيڪ پذيرائي ۽ استعمال لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 09

ڪيو ٻڌايو ته سول اسپتال مڪلي مان اوچتو موٽر سائيڪلون بيهارڻ واري پارڪنگ ختم ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري مريضن کي کڻي ايندڙ سندن موٽر سائيڪل سوار وارث سخت پريشان آهن. هن چيو ته سول اسپتال مڪلي ۾ چوري جو ظلم آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ قائم ڪئي ويئي هئي، جيڪا بنا ڪنهن سبب جي ختم ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري وڌيڪ موٽر سائيڪلن جي چوري ٿيڻ جو انديشو آهي، هن ايس ايس پي ٺٽو سميت اسپتال انتظاميه کان گهر ڪئي ته فورن ختم ڪيل موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ ٻيهر بحال ڪري چوري ٿيندڙ موٽر سائيڪلن کي ٻنجو ڏيئي شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 10

ي جي راهه تي گامزن ٿيندو: ايم اين اي ابرارعلي شاهه. تفصيلات جي مطابق ايم اين اي ابرارعلي شاهه جو محرابپور جو دورو محرابپور ۾ ترقياتي ڪمن جي افتتاح ڪرڻ بجاءِ پ پ رڪن قومي اسيمبلي لولي پاپ ڏئي روانو. محرابپور ۾ هالاڻي روڊ جو افتتاح نه ڪرڻ تي عوام مايوس محرابپور ۾ منعقد تقريب سان خطاب ڪندي سيد ابرارعلي شاهه چيو ته پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول پاڪستان جو ايندڙ وزيراعظم ٿيندو ان جي قيادت ۾ ملڪ ترقي خوشحالي جي راهه تي گامزن ٿيندو معيشت جي بحالي، نوجوانن کي روزگار جي فراهمي ملڪ جي ترقي خوشحالي جي لاءِ بلاول ڀٽو زرداري جو وزيراعظم ٿيڻ ضروري آهي محرابپور منهنجي دل آهي حلقي ۾ جيڪي ترقياتي ڪم ٿيا آهن اهي منهنجي ذات نـ بلڪ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ قيادت جي ڪاوشن جو نتيجو آهي گزريل چند مهينن ۾ فنڊ ۾ دير سبب ڪجهه منصوبا مڪمل نـ ٿي سگهيا فنڊ جاري ٿيندي ئي رڪيل ۽ آئنده ترقياتي ڪمن کي جلدي مڪمل ڪرايو ويندو محرابپور کان هالاڻي روڊ جو افتتاح جلد ڪيو ويندو ان سان عوام کي سفر جي سهولت سان گڏ ڪاروبار معاشي ترقي خوشحالي ۾ اضافو ٿيندو پ پ رڪن قومي اسيمبلي سيد ابرارعلي شاهه جي تقريب ۾ پهچڻ تي ڀر پور استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي پيپلز پارٽي سان تعلق رکڻ وارا سياسي رهنما به موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 11

موجب روهڙي ويجهو اروڙ جي جابلو علائقي ۾ جبل مان پٿر ڪڍڻ لاءِ لڳايل بارودي سرنگ ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ ٽڪر تي مزدوري ڪندڙ پورهيت محمد حسن چوهان ۽ پپو سخت زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ذريعن موجب، مزدور جبل مان پٿر ڪڍڻ لاءِ بارود لڳائي ڪري رهيا هئا ته اوچتو بارودي مواد ڦاٽي پيو واقعي ڪانپوءِ اهم سوال اهو اڀري سامهون آيو آهي ته ڇا جبلن مان پٿر ڪيڻ لاءِ بارودي مواد جو استعمال قانوني اجازت سان ڪيو پئي ويو قانون موجب، جبلن مان پٿر ڪيڻ لاءِ محڪمه مائنز اينڊ منرلز سنڌ کان باقاعده ليز ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان بارودي مواد جي استعمال جو لائسنس حاصل ڪرڻ لازمي آهي بغير لائسنس ۽ حفاظتي ايس او پيز جي بلاسٽنگ ڪرڻ غيرقانوني ڪني جي زمري ۾ اچي ٿو ان سلسلي ۾ علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ اهو معلوم ڪيو وڃي ته بلاسٽنگ لاءِ قانوني اجازت موجود هئي يا نه ۽ مزدورن جي تحفظ لاءِ حفاظتي انتظام ڇو نه ڪيا ويا هئا جيئن مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 12

ن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو، جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي. ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيل 31 ڄڻن کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ڪين طبي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچاءَ واري ويڪسين پڻ لڳائي وئي. ذريعن موجب رولو ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيلن ۾ هڪ ئي خاندان جا ڪيترائي ٻاتي پڻ شامل آهن، جن ۾ 4 ورهين جي شميم، 6 ورهين جي عائشه ۽ 8 ورهين جو ڪاظم شامل آهن. جڏهن ته مسمات گلشن زال محمد جمن، 25 ورهين جي زينت بانو، 15 ورهين جي ڪنول ۽ 46 ورهين جي مسمات شهزادي سميت مجموعي طور 31 ڄڻا ڪتن جي ڏاڙهڻ جو شڪار ٿيا. اسپتال منتقل ڪيل زخمين کي طبي امداد ڏيڻ سان گڏ ريبيز کان بچاءَ واري ويڪسين پڻ لڳائي وئي، جنهن بعد طبي عملي پاران ڪين گهر روانو ڪيو ويو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڳوٺ خيرو بوزدار ۽ پرياسي ۾ رولو ڪتن جو تعداد وڌي رهيو آهي، جنهن سبب خاص طور تي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرڻ به خطري کان خالي نه رهيو آهي. شهرين جو الزام آهي ته بار بار ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا پيش اچڻ باوجود رولو ڪتن خلاف مستقل ۽ اثرائتي مهم شروع نه ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف سول اسپتال جي انگن اکرن موجب ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا انتهائي تيزي سان وڌي رهيا آهن. ٻڌايو وڃي ٿو ته صرف هڪ مهيني دوران سول اسپتال ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ جا 308 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن. جڏهن ته گذريل هڪ سال دوران اهڙن ڪيسن جو انگ 2100 تائين پهچي ويو آهي. رپورٽ موجب ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب هڪ سال دوران ٻن ڄڻن جي فوت ٿيڻ جا واقعا پڻ پيش اچي چڪا آهن. شهرين ۽ علائقي واسين ضلعي انتظاميا، ميونسپل ڪميٽي ۽ لاڳاپيل مڪاني ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته رولو ڪتن خلاف فوري طور تي منظم ۽ مستقل مهم شروع ڪئي وڃي، جيئن معصوم ٻارڙن ۽ شهرين کي ڪتن جي حملن کان محفوظ بڻائي سگهجي ۽ وڌيڪ انساني جاني نقصان کان بچي سگهجي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته رڳو واقعي ڪانپوءِ زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بدران رولو ڪتن جي وڌندڙ تعداد تي ضابطو آڻڻ لاءِ مستقل بنيادن تي قدم کڻڻ ضروري آهن، ٻي صورت ۾ مستقبل ۾ وڌيڪ خطرناڪ واقعا پيش اچڻ جو خدشو موجود آهي.

بقايا عوامي سوچ 13

پرسان پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏي وئي جنهن کي وارث پاڻي مان ڪڍي تعلقي اسپتال تنڊوغلام حيدر آندو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 14

(ر) فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي هدايتن تي عوامي مسئلن جي فوري حل ۽ پوليس ۽ عوام وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ پوليس اسٽيشن خان تي ڪليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي ڪليل ڪچهري ASP UT عبدالرب شاهه جي نگراني هيٺ ٿي، جنهن دوران شهرين پنهنجا مسئلا، شڪايتون ۽ مختلف معاملن بابت پوليس آفيسرن کي آگاهه ڪيو. ASP UT عبدالرب شاهه شهرين جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي شڪايتن جو قانون موجب فوري ازالو ڪرڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي شهرين کي يقين ڏياريو ويو ته سندن جائز مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. جڏهن ته امن امان برقرار رکڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ عوام جي تحفظ لاءِ پوليس پاران اثرائتا قدم جاري رکيا ويندا. ميرپورخاص پوليس پاران عوامي مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي فوري حل لاءِ کليل ڪچهرين جو سلسلو جاري رکڻ واري عزم جو پڻ اظهار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 15

ندي چيو آهي ته هو ٻئي هڪ ٻئي کي پسند ڪن ٿا ۽ پنهنجي مرضي سان پيار جي شادي ڪئي آهي. جوڙي جو چوڻ هو ته اسان ٻنهي پنهنجي مرضي ۽ رضامندي سان شادي ڪئي آهي، جنهن بعد ڪجهه مائٽن پاران مبينا طور تي اسان لاءِ خطرو پيدا ٿي ويو آهي. عادل خان ۽ يسرا قريشي اختيارين کان اپيل ڪئي ته ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته جيئن هو بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي زندگي گذاري سگهن. نئين شادي شده جوڙي وڌيڪ چيو ته ڪين خدشو آهي ته مائٽن طرفان ڪين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کي سندن معاملي جو نوٽيس وٺي ضروري تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي. جوڙي اختيارين، پوليس ۽ انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل ڪئي ته سندن مرضي ۽ قانوني حقن جو احترام ڪندي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به اڻٽڻندڙ واقعي کان بچائڻ لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 16

ٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سکر جي گيٽ تي ايڊيشنل سيشن جج سکر جاويد ميراڻي تي حملو ٿيو سکر ۾ عام شهرين ۽ صحافين کان پوءِ هاڻ عدالت سان لاڳاپيل جج صاحبان به غير محفوظ بڻجي ويا آهن. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي گيٽ تي ايڊيشنل سيشن جج سکر جاويد ميراڻي تي حملي جو واقعو پيش آيو. ذريعن موجب بااثر ماڻهن پاران رستو روڪي سندس سان بدتميزي ۽ ڪيس ڌمڪيون ڏيڻ جو معاملو سامهون آيو آهي، جنهن سبب عدالتي حلقن ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي. ايڊيشنل سيشن جج سکر جاويد ميراڻي خيرپور جي سينيئر صحافي منصور ميراڻي جو فرزند آهي. ٻئي طرف ڊسٽرڪٽ بار سکر پاران واقعي تي اڄ عدالتي ڪارروائي جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو. وڪيلن جو چوڻ آهي ته جج تي حملو سڌو سنئون عدالت تي حملو آهي. ذميوارن خلاف فوري ۽ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

فيڪٽري ويجهو بارود ذريعي پهاڙ ٽوڙڻ دوران اوچتو ڌماڪو ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ محمد حسن چوهاڻ ۽ پپو نالي به مزدور زخمي ٿي پيا، زخمي مزدورن کي فيڪٽري انتظاميا پاران فوري طور تي تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب ڄاڻايل هنڌ تي مبينا طور غير قانوني طريقي سان جبل کي ٽوڙيو پئي ويو. جنهن دوران هي حادثو پيش آيو. واقعي بعد علائقي ۾ خوف و هراس پکڙجي ويو. شهرين ۽ مزدور تنظيمن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي. غير قانوني پهاڙ ٽوڙڻ ۾ ملوث ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ زخمي مزدورن کي بهتر علاج ۽ معاوضو فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 18

ي سومر ڏينهن سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان، جسقم جي مرڪزي اڳواڻن جي پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي مرڪزي اڳواڻ ديدار شام، ڊپٽي آرگنائيزر عبدالرشيد ڏيٿو، آرگنائيزر صفدر تنيو، ضلعي آرگنائيزر علي بخش ڪابورو، رياض رند ۽ ٻين ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌو درياهه تي ڪينال منصوبو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. هنن چيو ته دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جسقم جي چيئرمين صنعان قريشي جي هدايتن تي سڀاڻي سومر ڏينهن شام 5 وڳي المنظر ڄامشورو تي ڪارڪن، عهديدار، شهري ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا گڏ ٿي سنڌو درياهه سان محبت جو اظهار ڪندا ۽ سنڌ جي عوام جي امنگن خلاف سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ وارن منصوبن خلاف ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو. جسقم اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه تي ڪينال جي اڏاوت خلاف احتجاج جو دائرو وڌائي ڌرڻن ۽ لانگ مارچ تائين ڪيو ويندو. پهرين مرحلي ۾ سنڌ جي انهن سمورن شهرن ۾ احتجاج ڪيو ويندو، جتان سنڌو درياهه گذري ٿو. هنن چيو ته اسان پرامن طريقي سان احتجاج ڪندا آهيون، پر پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت سنڌ سان محبت ڪندڙ ماڻهن تي تشدد ڪرائي ٿي ۽ انهن خلاف رياستي آپريشن ڪيو وڃي ٿو، جيڪو قابل مذمت آهي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي هڪ طرف سنڌ سان محبت جو اظهار ڪري ٿي، جڏهن ته ٻئي طرف سنڌ جي ماڻهن تي ظلم ۽ تشدد ڪري ڪين سنڌ جي حقن تان دستبردار ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پيپلزپارٽي کي هاڻي پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي ۽ عمل ذريعي ثابت ڪرڻو پوندو ته اها سنڌ سان مخلص آهي. هنن چيو ته پيپلزپارٽي اسيمبلي ۾ صوبي جي ورهاست خلاف قرارداد پاس ڪرائي ٿي، پر سنڌ دشمن منصوبن تي خاموشي اختيار ڪرڻ افسوسناڪ آهي. سنڌ جا ماڻهو هاڻي پيپلزپارٽي جو ٻٽو معيار سڃاڻي چڪا آهن ۽ باشعور عوام ڪنهن به دوکي ۾ نه ايندو. جسقم اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ احتجاجن ڪانپوءِ ڌرڻن ۽ لانگ مارچ لاءِ پڻ لائحه عمل جوڙيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 19

ن سان تعلق رکندڙ صحت جي ماهرن، ڊاڪٽرن، طبي ۽ ڏندن جي تعليم سان لاڳاپيل ماهرن، محققن، شاگردن، پاليسي سازن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي مهمان خاص سنڌ هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر طارق رفيع هو، جڏهن ته جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالباري فاونر انڊس هاسپيٽل ۽ وائيس چانسلر سهيل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سعيد قريشي ۽ ٻين اهم شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي. برطانيا، آمريڪا ۽ يوگنڊا سميت مختلف ملڪن مان آيل ماهرن صحت جي شعبي ۾ تعليم، تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي ۽ عالمي سهڪار بابت خيالن جو اظهار ڪيو. ڪانفرنس دوران صحت جي شعبي بابت پنج اهم موضوعن تي غور ڪيو ويو، جن ۾ بيمارين کان بچاءُ ۽ بهتر صحت، معياري طبي تعليم ۽ مسلسل سکيا، وچڙندڙ ۽ غير وچڙندڙ بيماريون، صنعت، جدت ۽ بنيادي ڍانچو، جڏهن ته پائيدار ترقي لاءِ ادارن وچ ۾ سهڪار شامل هئا. ماهرن جو چوڻ هو ته بيمارين کان بچاءُ، وقت سر تشخيص، ڪميونٽي جي شموليت ۽ ثبوتن تي ٻڌل حڪمت عملين ذريعي صحت جي نظام تي دٻاءُ گهٽائي سگهجي ٿو. ڪانفرنس ۾ طبي ۽ ڏندن جي تعليم کي جديد بڻائڻ، صحت جي ماهرن جي مسلسل تربيت، تحقيق کي عملي صحت جي خدمتن سان ڳنڍڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو حاصل ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. شرڪت ڪندڙن چيو ته صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارن، اسپتالن، حڪومت، صنعت، ڪميونٽيز ۽ عالمي ادارن وچ ۾ مضبوط رابطا ضروري آهن. ڪانفرنس ۾ ڪي نوٽ ليڪچرز، سائنسي سيشنز، پينل بحث، تحقيقي پيپرز، پوسٽر سيشنز ۽ نيٽ ورڪنگ پڻ شامل هئا. ڪانفرنس جي پڄاڻي تي علم، تحقيق ۽ سهڪار کي عملي منصوبن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ وڌيڪ بهتر صحت، مضبوط صحت جي نظام ۽ پائيدار ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ تي زور ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 20

پٽمبر تي امارا بينڪوئيٽ هال ۾ منعقد ٿي، جتي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران پنڪ اسڪوٽيون ورهايون ويون. ورڇ ڪانپوءِ تقريب ۾ موجود ڪجهه فيميل اسٽوڊنٽس ميڊيا سان ڳالهائيندي شڪايت ڪئي ته انهن سمورا لاڳاپيل ٽيسٽ پاس ڪيا آهن ۽ انهن وٽ ڊرائيونگ لائسنس پڻ موجود آهن. ان باوجود ڪين پنڪ اسڪوٽي فراهم نه ڪئي وئي. شاگردياڻين جو الزام هو ته اسڪوٽين جي ورڇ دوران ميرٽ ۽ شفافيت کي نظرانداز ڪندي من پسند ماڻهن کي نوازيو ويو. هنن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي وڃي ۽ اهل ۽ مستحق شاگردياڻين ۾ اسڪوٽين جي شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي. شاگردياڻين مطالبو ڪيو ته پنڪ اسڪوٽي اسڪيم تحت سمورن اميدوارن جي ٽيسٽ، لائسنس ۽ ميرٽ جا تفصيل سامهون آندا وڃن، جيئن ڪنهن به شڪايت جو ازالو ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 21

روحاني ۽ عقيدتي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع ميرپورخاص جي چيئرمين ۽ "شيرِ سنڌ" نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر مزار تي حاضري ڀري، چادر چاڙهي ۽ ملڪ، قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري ان موقعي تي نوابزاده مير سميرالله خان ٽالپر، ٽائون ڪميٽي ڪوٽ غلام محمد جي چيئرمين حاجي علي حسن خان قائم خاني، وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد آرائين، تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي، تعلقه نائب صدر سيٺ ڊيارام مالهي، حاجي الله رکيو دل، وائيس چيئرمين سيٺ رامون مل مالهي، ڊاڪٽر سوائي مل مالهي، رئيس عمير پرڳڙي، غلام رسول ٽيبو، سينيئر صحافي زبير خاصخيلي، صحافي پرتاب مالهي، ڪامريڊ نعيم اختر خاصخيلي، بخش علي جٽ، ڪامريڊ خير محمد هاليپوٽو، رمش ڪمار بجير، چوڌري منير رندهاوا، چوڌري امجد رندهاوا، ڪامريڊ نرم داس ڪولهي، رضوان ڪوڪر، اعظم مري سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل معزز شخصيتون پڻ موجود هيون عرس مبارڪ جي موقعي تي سنڌي ثقافت سان محبت ۽ سنڌ جي قديم روايتن کي اجاگر ڪندي معزز مهمانن کي سنڌي لونگيون تحفي طور پيش ڪيون ويون. جڏهن ته ڪامريڊ دليپ ڪمار، سائين اعجاز نونداني، نواب حاجاڻو ۽ رمش ڪمار پاران نوابزاده مير انور علي خان ٽالپر کي سنڌي ثقافت جي علامت بوسڪي پٽڪو پڻ پارايو ويو ان موقعي تي روحاني عقيدت، سنڌي ثقافت، محبت، ڀائيچاري ۽ يڪجهتي جو سهڻو منظر ڏسڻ ۾ آيو عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪندڙن حضرت سائين سيد جمال شاهه رضوي جي درگاهه تي عقيدت جا گل نڇاور ڪندي ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي لاءِ دعائون پڻ گهريون

بقايا عوامي سوچ 22

فرنس ڪندي انصاف جي اپيل ڪئي. متاثر بزرگ حاڪم علي ولد امير بخش چانڊيو الزام لڳايو ته مقامي رهواسين، جن ۾ سرڪاري اسڪول ٽيچر امام الدين چانڊيو، محمد جمن چانڊيو ۽ محمد عالم چانڊيو شامل آهن، مبينا طور سندس ٻڪرين جي واڙي کي باهه ڏئي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ 6 معصوم ٻڪريءَ جا ٻچا سڙي فوت ٿي ويا. حاڪم علي موجب 23 سيپٽمبر 2026ع تي منجهند ڏاري محمد عالم، محمد حسن ۽ ٻين ماڻهن مبينا طور ڪيس ڌمڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪانپوءِ ٻڪرين جي واڙي پرسان موجود جهاڙين کي باهه ڏني وئي، جيڪا پکڙجڻ سبب 6 ٻڪريءَ جا ٻچا سڙي فوت ٿي ويا. متاثر بزرگ ٻڌايو ته واقعي خلاف ڊانو داندل ٿاڻي تي درخواست جمع ڪرائي وئي آهي. پوليس موجب اطلاع ملڻ بعد اهلڪارن واقعي واري هنڌ جو دورو پڻ ڪيو، جڏهن ته متاثر جو چوڻ آهي ته تاحال ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي. حاڪم علي چانڊيو ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، ذميوار قرار ڏنل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 23

سياسي سماجي اڳواڻن، صحافين سميت مسلمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي، هر طرف درود پاڪ جو صدايون، محفل کي سربراهه انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان سائين غلام حيدر شاهه قلندري خصوصي خطاب ڪيو خبرموجب: ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو ۾ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان جي اهتمام هيٺ هڪ عظيم الشان روحاني ۽ ايماني محفلِ نعت شريف ۽ ذڪرِ درود پاڪ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي مذهبي شخصيتن، عالمن، عقيدتمندن ۽ وڏي انگ ۾ عاشقان رسول شرڪت ڪئي، محفلَ دوران نعت خوانن پاران بارگاهِ رسالت مآب حضرت محمد مصطفيٰ ۾ عقيدت جا گل پيش ڪندي نعتون شريفون پڙهيون ويون. ان موقعي تي انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان جي سربراهه سائين غلام حيدر شاهه قلندري خصوصي خطاب ڪندي "حقوق الله ۽ حقوق العباد، سيرتِ مصطفيٰ ۽ تعليماتِ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جي روشني ۾" جي موضوع تي تفصيلي روشني وڌي، سائين غلام حيدر شاهه قلندري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسلام انسان کي الله پاڪ جي عبادت سان گڏ سندس ٻانهن جي حقن جي ادائيگي، حسن اخلاق، محبت، رواداري، خدمت ۽ انسانيت سان پيار جو درس ڏئي ٿو. سيرتِ طيبه مسلمانن لاءِ زندگي جي هر شعبي ۾ بهترين نمونو آهي، جڏهن ته حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جون تعليمات به انسان کي تقويٰ، اخلاص، عاجزي ۽ مخلوقِ خدا جي خدمت ڏانهن راغب ڪن ٿيون، هن وڌيڪ چيو ته معاشري ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچارو قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مسلمان حقوق الله سان گڏ حقوق العباد کي به اهميت ڏين ۽ پنهنجي عملي زندگي کي تعليماتِ قرآن ۽ سيرتِ رسول اڪرم مطابق بڻائين، محفل جي پڄاڻي تي ملڪ، قوم ۽ امتِ مسلمه جي سلامتي، خوشحالي، امن ۽ ڀائيچاري لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ۽ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 24

ڊي ريمانڊ ڏئي ڇڏيو مقتول شاگرد عاقب عالماڻي جي والد حاڪم عالماڻي جي فرياد تي اشفاق بروهي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرايو هو پوليس ڪراچي مان مک جوابدار اشفاق بروهي کي گرفتار ڪري ورتو هو

بقايا عوامي سوچ 25

د رند جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن جي ڪارروائي ضلعي ناظم عمومي مولانا خان محمد گبولَ هلائي. اجلاس دوران چئن ئي تعلقن جي رپورٽن جي روشني ۾ عالمي امن اجتماع جي تيارين جو جائزو ورتو ويو. جڏهن ته 21 آڪٽوبر تي صوبائي قيادت جي ڄامشورو ضلعي جي دوري جي موقعي تي مختلف اجلاسن، پريس ڪانفرنس ۽ جلسي جي انتظامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو ته پهريون اجلاس تعلقو ڪوٽڙي ۽ تعلقو مانجهند جو گڏيل اجلاس هوندو. جنهن جي ميزباني تعلقو مانجهند ڪندو. جڏهن ته ٻيو اجلاس تعلقو سيوهڻ ۽ تعلقو ٿاڻو بولا خان جو گڏيل اجلاس هوندو. جنهن جي ميزباني تعلقو سيوهڻ ڪندو. پريس ڪانفرنس جي جاءِ جو حتمي فيصلو صوبائي قيادت جي روٽ جي سهولت ۽ قيادت سان مشاورت ڪانپوءِ ڪيو ويندو. جڏهن ته جلسي جي ميزباني تعلقو ڪوٽڙي جي حوالي ڪئي وئي، جنهن تي تعلقي قيادت تاريخ ساز جلسو منعقد ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 26

ورعلي چانڊيو جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف وارثن طرفان قمبر لاڙڪاڻو روڊ تي ڌرڻو، مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ان موقعي تي بشيران چانڊيو، نوابي خاتون، مصطفيٰ چانڊيو، علي مردان چانڊيو سميت ٻين چيو ته 5 سال اڳ جوابدارن ڌرجو خون ٿيو هو جنهن جا جوابدار جيل ۾ آهن، بيگناهه منظور علي چانڊيو کي پڪڙي ان جو نڪ، ڪَنَ، ڪپي گوليون هٽي منڊي ڏڙ کان ڏار کي انسانيت کان مون آهيون جنهن لاءِ پوليس انهن جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کي اپيل ڪئي ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ڌرڻو جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 27

ڪوٽ ٻاءِ پاس تي ڌرڻو ان موقعي تي آڪاش چانڊيو، رجب چانڊيو سميت ٻين چيو ته آڪاش چانڊيو کان 8 سيپٽمبر تي ڳوٺ کان قمبر ايندي رستي تي نامعلوم جوابدارن حملو ڪري سندس موٽرسائيڪل، موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جي صدر ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي، پر ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي هنن وڌيڪ چيو ته پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل، موبائل فون، روڪ رقم ۽ سامان واپس ڪرائڻ بدران رڳو دلاسا ڏنا پيا وڃن، جنهن سبب علائقي ۾ بدامني وڌي رهي آهي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 28

يل سرٽيفڪيٽ لاءِ مبينا طور 25 هزار رپيا وصول ڪيا پيا وڃن. اهڙي ئي هڪ شڪايت ۾ شهري شهباز کان مبينا طور 15 هزار رپيا ايڊوانس وٺڻ جو الزام لڳايو ويو آهي، پر رقم وصول ڪرڻ باوجود سندس لاڳاپيل ڪم اڃا تائين مڪمل نه ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. متاثر شهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته تپيدار ممتاز ناريجو وٽ هن وقت مبينا طور تي چار تپا آهن، جتي مختلف سرڪاري معاملن جي سلسلي ۾ شهرين کان مبينا طور تي رقمون وصول ڪرڻ ۽ ڪمن ۾ غيرضروري دير جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. شهرين اسسٽنٽ ڪمشنر احمر آفتاب مري کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي لاڳاپيل تپيدار کان وضاحت طلب ڪئي وڃي ۽ الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ته جيئن ڪنهن هڪ اهلڪار خلاف سامهون ايندڙ مبينا شڪايتن سبب ٻين ايماندار ملازمن، جن ۾ شعيب بلند، نياز شاهه ۽ شاهد سومرو شامل آهن، جي ساک متاثر نه ٿئي. شهرين ڪمشنر ميرپورخاص، ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کان پڻ مطالبو ڪيو آهي ته تپيدار ممتاز ناريجو خلاف لڳايل الزامن جي غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي ۽ الزام ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. نوٽ: متيان الزام متاثر شهرين جي بيانن ۽ شڪايتن تي ٻڌل آهن: لاڳاپيل آفيسر جو موقف سامهون اچڻ تي ان کي پڻ شامل ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 29

ان وينل ٻئي سواري سندس ڏوڪڙ ڪيسي مان ڪڍي ويا ڪيسو چيڪ ڪرڻ بعد سندس ڪيسي ۾ ڏوڪڙ موجود نـ هئا ان حوالي سان هن جو چوڻ هو گهرجو راشن نـ هو بئنڪ مان ڏوڪڙ ڪڍڻ دران مونکي بئبڪ جي در تي موجود رڪشا واري معذوري هجڻ جي همدردي ڪندي زوري رڪشا ۾ ويهاريو تـ ٿوري مفاصلي هن ٻڇٽا ٻيا مونسان گڏ ويهاريا جن مونکي وري رڪشا ۾ ڪا نشي آوار ڪپڙو نڪ تي رکي مونکي بيهوش ڪرڻ منهنجو شلوار وارو ڪيسو ڪٽي پگهار جا ڏوڪڙ سوا لک کٽي نادرا آفيس اڳيان ڦٽو ڪري فرار ٿي ويا هوش اچڻ بعد منهنجو ڪيسو ڪٽيل هو ۽ خالي هو منهنجي ڪيسي مان راشن جا ڏوڪڙ ڪڍي ويا آهن هن چيو مان ٽنگن کان معذور آهيان گهر راشن ناهي ڪائڻ لاءِ اٽو ناهي ٻچا ڇا ڪائيندا خدارا ڏوڪڙ واپس ڪرائي ڏيو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

دادو ۾ صحت کاتي جي 185 ملازمن جو 7 سيڪٽرو وڌايل پگهار ۽ پوسٽون بحال ڪرڻ لاءِ احتجاج

ڊي ايڇ او دادو جي ڪال سينٽر DDO_0091 کي سال 2023 ع ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي DDO_0084 سان ضم ڪيو ويو

ان عمل سبب ملازمن کي انتظامي معاملن ۽ پگهارن جي حوالي سان سخت مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران ملازمن جي پگهارن ۾ ڪيل 7 سيڪٽرو واڌ گذريل ٽن مهينن کان ڪين ادا نه ڪئي وئي آهي

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) دادو ضلعي ۾ صحت کاتي سان لاڳاپيل 185 ملازمن کي سنڌ حڪومت پاران وڌايل 7 سيڪٽرو پگهار گذريل ٽن مهينن کان نه ملڻ ۽ 2026_27 ع جي بجيٽ بڪ مان سندن پوسٽون ختم ڪرڻ خلاف دادو پر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

DADU PRESS CLUB
DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو

ڪاڇي جي ڳوٺ لشڪر خان پرڳڙي جي رهواسين بنيادي سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج

وڏي آبادي رکندڙ ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال آهي ۽ سالن کان استاد ئي نٿو اچي

جنهن سبب اسان جا ٻارڙا تعليم کان محروم بڻيل آهن , روڊ رستن جي سهولتن کان محروم هجڻ سبب بيمار مريضن کي کٽ تي کڻي اسپتال وٺي وڃڻو پوي ٿو

اهڙيون شڪايتون چونڊيل نمائندن کي پڻ ڪيون آهن مگر ڪوبه تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ڪاڇي جي ڳوٺ لشڪر خان پرڳڙي جي رهواسين بنيادي سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج ڪيو. ڳوٺاڻن ايوب پرڳڙي,لطف پرڳڙي,عزيزالله ,همت علي پرڳڙي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته وڏي آبادي رکندڙ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سڄاڳ پريس ڪلب جنگشاهي جي وفد پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽي پهتو

علي اڪبر دلواڻي کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ اوڍائي ۽ گلابن جي مالا پارائي ڀليڪار

عوام جو آواز بڻجي بنا ڪنهن خوف ۽ لالچ جي پنهنجو صحافتي ڪردار بهادري سان نڀائي رهيو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سڄاڳ پريس ڪلب جنگشاهي جي وفد پاران ايوان صحافت ٺٽي جي صدر جي ثقافتي اجرڪ سان مان مڃتا سڄاڳ پريس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ميرپورساڪرو پوليس جي بروقت ڪارروائي, موٽر سائيڪل ڦرڻ جي مبينا واردات جو ڊرامو بي نقاب

اڄ رات تقريباً 8 وڳي عبدالخالق ڪوسو ۽ راجا وارو ٽاٽو ميرپور ساڪرو پهتا ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو

اڄ رات تقريباً 8 وڳي عبدالخالق ڪوسو ۽ راجا وارو ٽاٽو ميرپور ساڪرو پهتا ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو

اطلاع موجب مزاحمت دوران جوابدارن پسٽل سان فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ عبدالخالق ڪوسو زخمي ٿي پيو

ٺٽو(ڊ ر رپورٽ واحدشورو) ميرپورساڪرو پوليس جي بروقت ڪارروائي، موٽر سائيڪل ڦرڻ جي مبينا واردات جو ڊرامو بي نقاب تفصيل موجب اڄ رات تقريباً 8 وڳي عبدالخالق ڪوسو ۽ راجا وارو ٽاٽو ميرپور ساڪرو پهتا ۽ پوليس کي اطلاع ڏن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

پٿورو سميت منڙائو ڪينال مان ڪڍي ويندڙ مختلف پائيپ لائين ۽ پاڻي جي اسڪيمن خلاف سوين آبادگارن جو احتجاج

مظاهرين ٻاويهه ميل موري کان نئون ڪوٽ جي بس اسٽاپ چوڪ تائين لڳ ڀڳ پنج ڪلوميٽر پنڌ مارچ ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو

جتي هنن منڙائو ڪينال مان پاڻي کڻندڙ مختلف منصوبن بابت پنهنجي سخت تحفظات جو اظهار ڪيو

منڙائو ڪينال مان پٿورو واٽر سپلاءِ پائيپ لائين کان علاوه ساماري, بودر فارم, نبي سر روڊ ۽ راهه مور لاءِ پڻ وڌيڪ پاڻي جون اسڪيمون تجويز ڪيون پيون وڃن

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد ٻجير) پٿورو سميت منڙائو ڪينال مان ڪڍي ويندڙ مختلف پائيپ لائين ۽ پاڻي جي اسڪيمن خلاف سوين آبادگارن, هارين ۽ شهرين پاران نئون ڪوٽ ۾ احتجاج ڪيو ويو. مظاهرين ٻاويهه ميل موري کان نئون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

103 موري يونين ڪائونسل ڏوماڻي ۾ مبينا منشيات فروشي, نوجوان نسل متاثر ٿيڻ جو خدشو

رهواسين جو ايس ايس پي ٺٽو کان جاچ جو مطالبو 103 موري يونين ڪائونسل ڏوماڻي جي رهواسين الزام لڳايو

علائقي ۾ مبينا طور منشيات جو ڪاروبار جاري آهي، جنهن سبب ٻارن ۽ نوجوانن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن ۽ علائقي ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي

مبينا طور عزيز ميمڻ طرفان ڌمڪي آميز لفظ پڻ استعمال ڪيا ويا، جنهن تي هنن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) 103 موري يونين ڪائونسل ڏوماڻي ۾ مبينا منشيات فروشي، نوجوان نسل متاثر ٿيڻ جو خدشو، رهواسين جو ايس ايس پي ٺٽو کان جاچ جو مطالبو103 موري يونين ڪائونسل ڏوماڻي جي رهواسين الزام لڳايو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

صحافي سيف علي خشڪ کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو پاران مبارڪباد

ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ميمبر سيف علي خشڪ کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن پاران دلي مبارڪباد پيش

نائب صدر نواب شفيق احمد ميمڻ, ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن حميد چنڊ ۽ شهريار صديقي سيف علي خشڪ سان ملاقات

ملاقات ڪري ڪيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پارايا

ٺٽو(رپورٽ ڪواحدشورو) ايوان صحافت پريس ڪلب جي صحافي سيف عليَ خشڪ کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو پاران مبارڪباد ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ميمبر سيف علي خشڪ کي ع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو طرفان تيار ڪيل قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب منعقد

تقريب دوران مختلف مقررن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي اهميت, افاديت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن جي واڌاري بابت پنهنجا ويچار ونڊيا

ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيو, سيد شهزاد شاهه ۽ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري تي پنهنجا خيال پيش ڪيا

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) دادو, سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن ۽ قانوني علم کي عام فهم بڻائڻ لاءِ نامور ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو طرفان تيار ڪيل قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علمي، ادبي ۽ قانوني شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب دوران مختلف مقررن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سول اسپتال مڪلي مان اوچتو موٽر سائيڪلون بيهارڻ واري پارڪنگ ختم ڪري ڇڏي

جنهن ڪري مريضن کي کڻي ايندڙ سندن موٽر سائيڪل سوار وارث سخت پريشان آهن

جنهن جي روڪٿام لاءِ موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ قائم ڪئي ويئي هئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سول اسپتال مڪلي ۾ موٽر سائيڪل بيهارڻ واري پارڪنگ ختم ڪرڻ ڪري اسپتال ايندڙ مريضن سان گڏ سندن وارث گاڏين جي ٿيندڙ چورين سبب سخت خوفزد بڻيل آهن. ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻ شفيق احمد جو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڄامشورو: جسقم جي مرڪزي اڳواڻن جي پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

عالمي ڏينهن تي سنڌو درياهه سان محبت ۽ ڪينالن جي اڏاوت خلاف سياڻي سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان

جسقم جي مرڪزي اڳواڻن جي پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس

سنڌو درياهه تي ڪينال منصوبو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي

ڄامشورو(رپورٽر)ڪوٽڙي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ پاران دريائن جي عالمي ڏينهن تي سنڌو درياهه سان محبت ۽ ڪينالن جي اڏاوت خلاف سياڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

روهڙي ويجهو سيمينٽ فيڪٽري وٽ غير قانوني طور پهاڙ ٽوڙڻ دوران ڌماڪي ۾ مزدور سخت زخمي

روهڙي سيمينٽ فيڪٽري ويجهو بارود ذريعي پهاڙ ٽوڙڻ دوران اوچتو ڌماڪو ٿيو

جنهن جي نتيجي ۾ محمد حسن چوهاڻ ۽ پپو نالي ٻه مزدور زخمي ٿي پيا

سکر(رپورٽر)روهڙي ويجهو سيمينٽ فيڪٽري وٽ غير قانوني طور پهاڙ ٽوڙڻ دوران ڌماڪو. ٻه مزدور سخت زخمي تفصيل موجب روهڙي سيمينٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سکر ۾ عام شهرين ۽ صحافين کان پوءِ هاڻ عدالت سڳوري سان لاڳاپيل جج صاحبان به غير محفوظ

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سکر جي گيٽ تي ايڊيشنل سيشن جج سکر جاويد ميراڻي تي حملو ٿيو

سکر ۾ عام شهرين ۽ صحافين کان پوءِ هاڻ عدالت سان لاڳاپيل جج صاحبان به غير محفوظ بڻجي ويا آهن

سکر(رپورٽر)سکر ۾ عام شهرين ۽ صحافين کان پوءِ هاڻ عدالت سڳوري سان لاڳاپيل جج صاحبان به غير محفوظ تفصيل موجب ڊسٽرڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڄامشوري ۾ پريمي جوڙي جو تحفظ لاءِ احتجاج

پنهنجي مرضي ۽ رضامندي سان شادي ڪرڻ ڪانپوءِ خطرو پيدا ٿي ويو آهي: جوڙو

ڄامشورو (رپورٽر) ضلعو ڄامشورو ڪاٺوٽ ۾ عادل خان ۽ يسرا قريشي پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي. شادي ڪانپوءِ جوڙي ميڊيا سان ڳالهائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٽاٽي ڪاڻ تي پوليس پاران کليل ڪچهري

عوام وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ پوليس اسٽيشن خان تي کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي

کليل ڪچهري ASP UT عبدالرب شاهه جي نگراني هيٺ ٿي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ٽاٽي ڪاڻ تي پوليس پاران کليل ڪچهري ميرپورخاص: ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

3 ورهين جي نينگري تانيه ڌي جيوڻ ڪولهي راند ڪندي گهرن پرسان پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏي وئي

3 ورهين جي نينگري تانيه ڌي جيوڻ ڪولهي راند ڪندي گهرن پرسان پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏي وئي

جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر)ٽنڊي غلام حيدر ويجهو ڳوٺ رحم علي چانگ ۾ 3 ورهين جي نينگري تانيه ڌي جيوڻ ڪولهي راند ڪندي گهرن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ٽنڊو محمد خان پرسان رولو ڪتن جو آزار, 7 معصوم ٻارڙن سميت 31 ڄڻا زخمي

7 معصوم ٻارڙن سميت عورتن ۽ مردن کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيل 31 ڄڻن کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان ويجهو ڳوٺ خيرو ٻوزدار ۾ رولو ڪتن جي وڌندڙ آزار سبب 7 معصوم ٻارڙن سميت عورتن ۽ مرد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

روهڙي ويجهو جبل ۾ پٿر ڪڍڻ لاءِ لڳايل بارودي مواد اوچتو ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪو

2 پورهيت سخت زخمي،اسپتال منتقل

بارودي سرنگ ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ ٽڪر تي مزدوري ڪندڙ پورهيت محمد حسن چوهان ۽ پپو سخت زخمي ٿي پيا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو جبل ۾ پٿر ڪڍڻ لاءِ لڳايل بارودي مواد اوچتو ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪو، 2 پورهيت سخت زخمي،اسپتال منتقل تفصيل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو ايندڙ وزيراعظم ٿيندو: ابرار علي شاهه

ان جي قيادت ۾ ملڪ ترقي خوشحالي جي راهه تي گامزن ٿيندو: ايم اين اي ابرارعلي شاهه

ان موقعي تي پيپلز پارٽي سان تعلق رکڻ وارا سياسي رهنما به موجود هئا

محرابپور (رپورٽ امين دانش)چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو ايندڙ وزيراعظم ٿيندو ان جي قيادت ۾ ملڪ ترقي خوشحال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

جناح ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج ڪراچي پاران ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس منعقد

صحت جي ماهرن, ڊاڪٽرن, طبي ۽ ڏندن جي تعليم سان لاڳاپيل ماهرن, محققن, شاگردن, پاليسي سازن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز شرڪت

ڪانفرنس جي مهمانِ خاص سنڌ هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر طارق رفيع هو

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالباري فاؤنڊر انڊس هاسپيٽل ۽ وائيس چانسلر سهيل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سعيد قريشي ۽ ٻين اهم شخصيتن پڻ شرڪت

ڪراچي(رپورٽر)جناح ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج ڪراچي پاران صحت جي بهترين نظام, تعليم, تحقيق, جدت ۽ رابطن جي موضوع تي ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس ۾ پاڪستان سميت مختلف ملڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

ميرپورخاص: پنڪ اسڪوٽين جي ورڇ, ٽيسٽ ۽ لائسنس رکندڙ شاگردياڻين جي شڪايت, شفاف ورڇ جو مطالبو

ميرپورخاص ۾ سنڌ حڪومت پاران عورتن لاءِ مفت پنڪ اسڪوٽين جي ورڇ جي تقريب 26 سيپٽمبر تي امارا بينڪوئيٽ هال ۾ منعقد ٿي

انهن سمورا لاڳاپيل ٽيسٽ پاس ڪيا آهن ۽ انهن وٽ ڊرائيونگ لائسنس پڻ موجود آهن, ان باوجود ڪين پنڪ اسڪوٽي فراهم نه ڪئي وئي

اسڪوٽين جي ورڇ دوران ميرٽ ۽ شفافيت کي نظرانداز ڪندي من پسند ماڻهن کي نوازيو ويو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص: پنڪ اسڪوٽين جي ورڇ, ٽيسٽ ۽ لائسنس رکندڙ شاگردياڻين جي شڪايت, شفاف ورڇ جو مطالبو ميرپورخاص ۾ سنڌ حڪومت پاران عورتن لاءِ مفت پنڪ اسڪوٽين جي ورڇ جي تقريب 26 سي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

حضرت سائين سيد جمال شاهه رضوي جي 33هين عرس مبارڪ جي تقريب

روحاني عقيدت ۽ سنڌي ثقافت جو سهڻو اظهار

جمال شاهه رضوي جي درگاهه تي عقيدت جا گل نڇاور ڪندي ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي لاءِ دعائون پڻ گهريون

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ صوفي بزرگ حضرت سائين سيد جمال شاهه رضوي جي 33هين عرس مبارڪ جي موقعي تي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڳوٺ ڪپليو چانڊيو ۾ مبينا طور ٻڪرين جي واڙي کي باهه لڳائڻ جي واقعي ۾ 6 ٻڪريءَ جا ٻچا سڙي فوت ٿيڻ جو الزام

متاثر بزرگ ايوانِ صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي انصاف جي اپيل ڪئي

مقامي رهواسين, جن ۾ سرڪاري اسڪول ٽيچر امام الدين چانڊيو, محمد جمن چانڊيو ۽ محمد عالم چانڊيو شامل آهن

مبينا طور سندس ٻڪرين جي واڙي کي باهه ڏئي ڇڏي, جنهن جي نتيجي ۾ 6 معصوم ٻڪريءَ جا ٻچا سڙي فوت ٿي ويا

ميرپورخاص (رپورٽر) ٿرپارڪر جي تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪپليو چانڊيو ۾ مبينا طور ٻڪرين جي واڙي کي باهه لڳائڻ جي واقعي ۾ 6 ٻڪريءَ جا ٻچا سڙي فوت ٿيڻ جو الزام. متاثر بزرگ ايوان صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران عظيم الشان نعت و ذڪر درود پاڪ جي محفل

محفل ۾ عالمن,سياسي سماجي اڳواڻن,صحافين سميت مسلمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي

هر طرف درود پاڪ جو صدايون,محفل کي سربراهه انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان سائين غلام حيدر شاهه قلندري خصوصي خطاب

غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان جي اهتمام هيٺ هڪ عظيم الشان روحاني ۽ ايماني محفلِ نعت شريف ۽ ذڪرِ درود پاڪ منعقد ڪئي وئي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو ۾ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران عظيم الشان نعت و ذڪرِ درود پاڪ جي محفل ٿي گذري,محفل ۾ عالمن,/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

قائد عوام يونيورسٽي جي قتل ٿيندڙ شاگرد عاقب عالماڻي جي ڪيس ۾ گرفتار

اشفاق بروهي کي سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ ٽوجي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جتي عدالت جوابدار کي 30 سيپٽمبر تائين پوليس ڪسٽڊي ريمانڊ ڏئي ڇڏيو

مقتول شاگرد عاقب عالماڻي جي والد حاڪم عالماڻي جي فرياد تي اشفاق بروهي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرايو هو

نواب شاهه(رپورٽر)قائد عوام يونيورسٽي جي قتل ٿيندڙ شاگرد عاقب عالماڻي جي ڪيس ۾ گرفتار اشفاق بروهي کي سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ ٽوجي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت جوابدار کي 30 سيپٽمبر تائين پوليس ڪسٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

جي يو آءِ ضلعي ڄامشورو جي مجلسِ عاملا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۽ چئن ئي تعلقن جي اميرن ۽ ناظمن جو گڏيل هنگامي اجلاس

گڏيل هنگامي اجلاس خانوٽ جي ڪوسا هائوس ۾ ضلعي امير مولانا سدير احمد رند جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

اجلاس دوران چئن ئي تعلقن جي رپورٽن جي روشني ۾ عالمي امن اجتماع جي تيارين جو جائزو ورتو ويو

21 آڪٽوبر تي صوبائي قيادت جي ڄامشورو ضلعي جي دوري جي موقعي تي مختلف اجلاسن, پريس ڪانفرنس ۽ جلسي جي انتظامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا

ڄامشورو(رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) ضلعي ڄامشورو جي مجلسِ عاملا (ايگزيڪيوٽو ڪميٽي) ۽ چئن ئي تعلقن جي اميرن ۽ ناظمن جو گڏيل هنگامي اجلاس خانوٽ جي ڪوسا هائوس ۾ ضلعي امير مولانا سدير احمد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

جي يو آءِ ضلعي ڄامشورو جي مجلسِ عاملا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۽ چئن ئي تعلقن جي اميرن ۽ ناظمن جو گڏيل هنگامي اجلاس ٿي رهيو آهي

قمبر ۾ مقتول نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو ڌرڻو

قمبر(رپورٽر)ربي پل ٿاڻي جي حد مان ڪجهه ڏينهن اڳ بيدرديءَ سان قتل ڪيل نوجوان منظ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

قمبر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ڳوٺاڻن جو ڌرڻو

قمبر (رپورٽر) قمبر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ موٽرسائيڪل ڦرخلاف ڳوٺاڻن قمبر, شهداد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

تعلقو حسين بخش مري ۾ تپيدار ممتاز ناريجو خلاف مبينا غيرقانوني وصولين ۽ سرڪاري معاملن ۾ دير ڪرڻ جون شڪايتون

مختلف سرڪاري ڪمن جي عيوض مبينا طور تي ڳريون رقمون طلب ۽ وصول ڪيون پيون وڃن

سيل سرٽيفڪيٽ لاءِ مبينا طور 25 هزار رپيا وصول ڪيا پيا وڃن, اهڙي ئي هڪ شڪايت ۾ شهري شهباز کان مبينا طور 15 هزار رپيا ايڊوانس وٺڻ جو الزام لڳايو ويو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) تعلقو حسين بخش مري ۾ تپيدار ممتاز ناريجو خلاف مبينا غيرقانوني وصولين ۽ سرڪاري معاملن ۾ دير ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. متاثر شهرين موجب مختلف سرڪاري ڪمن جي عيوض مبينا طور تي ڳريون رقمون طلب ۽ وصول ڪيون پيون وڃن. شهرين جو الزام آهي ته داخلا فارم جي مد ۾ مبينا طور 20 هزار رپيا, جڏهن ته س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

پيٽارو ڪاليج جي ٽنگن کان معذور ملازم پورهيت ليب اٽينڊ محمد منل قريشي کان ڦر

رڪشا ۾ چڙهندي رڪشا واري جي مدد سان ويٺل هئي سواري سندس ڏوڪڙ ڪيسي مان ڪڍي ويا

ڪيسو چيڪ ڪرڻ بعد سندس ڪيسي ۾ ڏوڪڙ موجود نه هئا

ڄامشورو(رپورٽر) پيٽارو ڪاليج جي ٽنگن کان معذور ملازم پورهيت ليب اٽينڊ محمد منل قريشي ڪوٽڙي نيشنل بئيڪ مان پنهنجي پگهار جا هڪ سوا لک هزار ڪيرائي ٻاهر نڪرڻ بعد رڪشا ۾ چڙهندي رڪشا واري جي مدد س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29